# آدابِ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم




مصنف

غلام حسین "مشتاق" سچاروی



سروان پبلیکیشن حیدرآباد

# آداب رسول الله ﷺ

مصنف

غلام حسين "مشتاق" سچاروي

كتاب جو نالو : آدابِ رسول الله ﷺ

مؤلف : غلام حسين ”مشتاق“ سچاروي

ڪمپوزنگ : السنڌ ڪمپوزرس، هاشمي ڪالوني
لطيف آباد نمبر ۴ حيدرآباد،

موبائيل: 0333-2690612

قيمت : ۸۰-۰۰ روپيه

طبع سال : ۲۰۱۲ء

تعداد : ۱۰۰۰

ناشر : سرواڻ پبليڪيشن A-11 سچاروي هائوس
جي او آر ڪالوني حيدرآباد سنڌ

فون: 022- 2781712

موبائيل: 0300- 9371724

# فهرست


| نمبر شمار | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ۱ | پرت جي پچار | ۴ |
| ۲ | ٻن مفتي حضرات جا تبصرا | ۱۰-۱۱ |
| ۳ | آداب رسول الله ﷺ | ۱۲ |
| ۴ | بي ادب يا شاتم رسول ﷺ جي سزا | ۴۸ |
| ۵ | پاڻ ڪريم ﷺ جن کي بشر بشر چوڻ جي ممانعت | ۵۹ |

[ ]

# سَچَّاروي غلام حسين ”مشتاق“

سنڌ جي سونهاري سر زمين جي مردم خيز خطي پاٽ شريف جي پاڙي ۾ ڳوٺ شهداد خان براهيماڻي ۾ غلام حسين ولد رئيس ڀڏو خان ١٠ مئي ١٩٣٧ع تي پيدا ٿيو. پنجن سالن جي عمر ۾ والد ماجد جي سايهِ شفقت جي محرومي بعد والده ماجده جي شفقتن ۾ پرورش پاتي، پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري سنڌي فائينل امتيازي نمبرن سان پاس ڪئي. سنڌيونيورسٽي حيدرآباد مان ايم اي عربي (گولڊ ميڊل، سلور ميڊل) ايم اي اردو، ۽ ايل ايل بي فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. درس نظامي جو فارغ تحصيل، عربي فارسي جو عالم فاضل آهي. ڏهه سال هاءِ اسڪول ۽ ڪاليجن ۾ استاد رهيو. ١٩٦٨ع کان ١٩٧٨ع تائين پاڪستان آرمي ۾ ڪيپٽن جي عهدي تان ميڊيڪل گرائونڊ تي رٽائر ٿيو. انهيءَ دوران فيڊرل ايجوڪيشن منسٽري ۾ اسسٽنٽ ايجوڪيشنل ايڊوائيزر ۽ فارين اسٽوڊنٽ ايڊوائيزر طور ڊيپوٽيشن تي ڪم ڪيو. ڏهه سال ميرپور خاص ۾ فرسٽ ڪلاس اعزازي مئجسٽريٽ رهيو. انهيءَ دوران سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ميرپورخاص، فاران ڪلب انٽرنيشنل ميرپورخاص، لطيف ڪائونسل روٽري ڪلب ميرپور خاص ڊسٽرڪٽ ڊس ايبلڊ ۽ ريهيبليٽيشن سينٽر ميرپور خاص ۽ هلال احمر جهڙن ادارن جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو. پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جو ميمبر ۽ ڪيترين ئي سماجي تنظيمن جو روح روان رهيو. ١٩٨٨ع کان ١٩٩٨ع تائين روزانه سرواڻ جي باني چيرمين چيف ايڊيٽر ۽ پبلشر طور ڪم ڪيو. سال ١٩٨٠ع کان ماتحت عدليه ۽ ١٩٩٠ع کان عدالتِ عاليه جو ايڊوڪيٽ آهي. پندرهن سالن جي ڄمار ۾ قلم سان ناتو جوڙي شاعري شروع ڪئي. تحرير ۽ تقرير ۾ خداداد صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ڪيو. سندس قلمي پورهئي ۾ جامِ ڪوثر، آبِ ڪوثر، موتي مٽيادار، اکر اکر عشق، موتي مرجان، گلزارِ حبيب، سوزو ساز جا نغما، صحيفهٔ عشق، سنڌي، سرائڪي، اردو، عربي ۽ فارسي شاعري جا نادر نمونا آهن. نثر ۾ آدابِ رسول الله ﷺ، معراج النبي ﷺ، حضرت علي رضي الله عنه جو نظامِ حڪومت، لوائح جامي جو منظوم ۽ نثري ترجمو ”اسلامي تصوف“ جهڙا ڪتاب سندس علمي ادبي خدمتن جو ثبوت آهن. انجمن آفتابِ ادب حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري طور فرائض سرانجام ڏيڻ ۽ علمي ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ تاحال جاري آهي. سندس رفيق حيات ايم اي پوليٽيڪل سائنس آهي ۽ اولاد ۾ پروفيسر ڊاڪٽر طٰحٰه حسين علي مهران يونيورسٽي آف انجنئرنگ ڄام شورو ۾ پروفيسر ۽ رجسٽرار آهي. ڊاڪٽر سعد حسين پٽ ۽ ڊاڪٽر سمن منگريو نياڻي ٻئي برطانيه ۾ ميڊيڪل ڊاڪٽر آهن. پاڻ سنڌ جي عظيم شهر حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي. شاعري ۾ پهريائين ”لاغر“ بعد ۾ ”مشتاق“ سچاروي جي نالي سان تخلص لکندو اچي. غزل ۽ نعت سندس محبوب موضوع آهن. تاحال قلمي پورهيو جاري آهي. الله ڪري زور قلم اور زياده.

بسم الله الرحمن الرحيم

# پرت جي پچار

## نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

اما بعد: أن الله سبحانه وتعاليٰ جا لک لک شڪرانا، جنهن اسان کي مسلمان بڻائي پنهنجي پياري حبيب خاتم الانبياء والمرسلين ﷺ جي امتي هجڻ جو شرف عطا ڪيو آهي ۽ پنهنجي انهي احسان عظيم جو قرآن حڪيم ۾ برملا اظهار ڪيو تہ:

﴿لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ﴾ (آل عمران ۳ :۱۶۴)

تَرْجَمَہ: بيشڪ مسلمانن تي الله تبارڪ وتعاليٰ جو وڏو احسان آهي، جو هن انهن مان ئي هڪ رسول انهن ۾ موڪليو. جيڪو انهن کي هن (الله) جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو. هنن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ هنن کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو. يقينن هن کان اڳ اهي سڀ کلي گمراهي ۾ هئا.

هي اهو رسول ڪريم ﷺ آهي جنهن کي پوري بني نوع انسان لاءِ رسول ۽ رهبر ڪري موڪليو ويو آهي:

﴿قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا﴾ (الاعراف ۷:۱۵۸)

تَرْجَمَہ: اي رسول الله ﷺ تون (دنيا جهانن جي) سمورن انسانن کي ٻڌائي ڇڏ تہ آئون توهان سڀني ڏانهن رسول بڻائي موڪليو ويو آهيان.

اهو الله جنهن جي سمورن آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي. الله

جي ان سموري بادشاهي جي هدايت جي لاءِ الله جي طرفان صرف مون کي
ئي آخري رسول بڻائي موڪليو ويو آهي)

﴿وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ﴾ (السبا ٣٤:٢٨)

**تَرْجَمَةٌ:** اسان اوهان کي تمام انسانن جي لاءِ پيغمبر بڻائي موڪليو آهي (ايمان آڻيندڙن کي اسان جي رضا ۽ ثواب جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (ايمان نہ آڻيندڙن کي اسان جي عذابن ۽ غضب کان) ڊيڄاريندڙ. پر اڪثر ماڻهو نہ ٿا سمجهن.

هي اهو رسول ﷺ آهي جنهن کي هدايت ۽ دين حق ڏئي موڪليو ويو آهي تہ جيئن اهو انهي دين حق کي ٻئي دين ناحق تي پوري طرح غلبو ڏياري. (الصف ٦١:٩) توڙي ڪٽي اهي ڪافر الله جي نور کي پنهنجي ڦوڪن سان وسائڻ گهرن ٿا. (الصف ٦١:٨) هي اهو رسول ڪريم ﷺ آهي جنهن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ الله جي بيعت ڪرڻ آهي.
(الفتح ٤٨:١٠)

هي اهو رسول ڪريم آهي، جنهن جي اطاعت الله جي اطاعت آهي: مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ (النساء ٤: ٨٠) جيڪو الله جي رسول جي اطاعت ڪندو ان در حقيقت الله جي اطاعت ڪئي. هي خلق عظيم جو مالڪ آهي: وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ (القلم٦٨:٤) هي اهو رسول ڪريم ﷺ آهي جيڪو رحمة للعالمين آهي: (الانبياء ٢١:١٠٧) جيڪو مؤمنن جي لاءِ رئوف رحيم آهي. (توبه ٩:١٢٨) هي اهو رسول ڪريم ﷺ آهي جڏهن ماڻهو پاڻ سان (گناهن ذريعي) زيادتي ڪن ۽ اوهان جي بارگاه ۾ حاضر ٿي پنهنجي رب کان معافي جي درخواست ڪن ۽ خدا جو رسول ﷺ انهن جي بخشش جي سفارش ڪرڻ فرمائي تہ پوءِ هو الله کي پنهنجي لاءِ توبه قبول ڪرڻ وارو ۽ رحمت ڪرڻ وارو پائيندا.

(النساء٤: ٦٤)

هي اهو رسول ڪريم ﷺ آهي، جنهن جي ثنا ۽ شان ۾ پورو قرآن موجود آهي.

همه قرآن در شان محمد

پرت سان پورو پڙهي پيغام ڏس قرآن جو
هر حرف آهي حوالو مصطفيٰ جي شان جو

(مشتاق سچاروي)

هي اهو الله جو رسول ﷺ آهي، جنهن جي جيتري بہ تعريف ۽ توصيف ڪجي تہ سندس اعليٰ مرتبت ۽ مان جي ڪنهن جز تائين بہ نہ پهچي سگهجي.

لَا يُمْكِنُ الثَّنَاءُ كَمَا كَانَ حَقُّهُ
بعد از خدا بزرگ توئی قصہ مختصر

(سعدي)

امام محمد شرف الدين بوصيري پنهنجي قصيده برده ۾ رطب اللسان آهي:

مُنَزَّهٌ عَنْ شَرِيْكٍ فِيْ مَحَاسِنِهٖ
فَجَوْهَرُ الْحُسْنِ فِيْهِ غَيْرُ مُنْقَسِمِ

آنحضور ﷺ جن پنهنجن خوبين ۾ ڪنهن بہ شريڪ يا نظير هجڻ کان پاڪ ۽ بالا تر آهن ۽ سندس حسن جو جوهر ڪنهن بہ صورت ۾ قابل تقسيم نہ آهي.

دَعْ مَا ادَّعَتْهُ النَّصَارٰى فِيْ نَبِيِّهِمِ
وَاحْكُمْ بِمَا شِئْتَ مَدْحًا فِيْهِ وَاحْتَكِمِ

اهڙي ڳالهہ هرگز نہ ڪر جيڪا عيسائي ۽ نصاريٰ پنهنجي نبي جي باري ۾ دعويٰ طور ڪن ٿا (يعني نبي کي الله جو شريڪ بنائڻ ۽ الوهيت جو درجو ڏيڻ) باقي ان کان سواءِ آنحضور ﷺ جن جي مدح وثنا

۽ تعريف و توصيف ۾ جو ڪجھ بہ چوڻ گھرين اهو بلاشڪ چؤ ۽ ان تي پلي قائم ۽ مستحڪم رهو. مطلب تہ ذات والا صفات ڏانهن هر شرف ۽ عظمت ۽ بلندي جي جيڪا بہ نسبت ڪرڻ گھرين، بيشڪ ڪر ڇوتہ هو پنهنجي فضيلت ۽ شان ۾ ايتري تہ بلنديءَ تي آهي، جنهن جي ڪابہ انتها يا حد نہ آهي ۽ ڪنهن بہ ثناگر لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي جو هو سندس قدر ومنزلت ۽ فضيلت کي بيان ڪري سگھي.

نہ معلوم حد ابتدا انتها جي
مقام نبي لا مڪانن کان ٻاهر

(مشتاق سچاروي)

جڏهن ڪنهن بہ انسان لاءِ سندس شايان شان تعريف ۽ توصيف ڪرڻ ممڪن ئي ناهي تہ پوءِ ان جي ثنا ڪندڙن کي سندس تعريف ڪرڻ تي ٽوڪڻ يا سندس شان مبارڪ ۾ گھٽتائي ڪرڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪرڻ، خدا جي غضب کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي.

خـدا خود لاشـريڪ آهي، نہ آهي ڪـو خدا جهڙو
تہ پوءِ پيدا ڪندو ڪيئن پاڻ پنهنجي دلربا جهڙو

(مشتاق سچاروي)

بقول عاشق رسول ﷺ حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه:

وَاَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَرَ قَطُّ عَيْنِيْ
وَاَكْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَاءُ
خُلِقْتَ مُبَرَّأً مِنْ كُلِّ عَيْبٍ
كَاَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كَمَا تَشَاءُ

جڏهن سمورا اصحاب ڪرام رضوان الله عليهم ۽ اولياء الله رحمة الله عليهم حضور ﷺ جي ثنا ۽ تعريف ۾ رطب اللسان آهن تہ پوءِ اسان کي سندس شان بيان ڪرڻ ۾ ڇو ڪوتاهي ڪرڻ گھرجي. در اصل افسوس

آهي اهڙن ذهنن ۾ خيال رکندڙن تي، جيڪي حضور ﷺ جي ثنا ڪندڙن سان خواه مخواه بحث ۾ الجهي پون ٿا ۽ پوءِ گستاخانا الفاظ ۽ جملا چئي حضور ﷺ جن جي شان ۾ گهٽتائي آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پـلا جنهن تي الله ۽ ان جا فرشتا هميشه درود وسلام موڪليندا هجن ۽ تمام ايمان وارن لاءِ صلاة ۽ سلام موڪلڻ لازمي هجي (الاحزاب آيت: ٥٦ پ ٣٣) ان جي شان کي ڪير گهٽائي سگهي ٿو. وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ چئي جنهن جي ذڪر کي الله بلند ڪري ٿو. ان جي ذڪر کي گهٽائڻ وارو خود ختم ٿي ويندو. ان جي جڙ ڪٽجي ويندي إِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الْأَبْتَرُ اهڙي گستاخ رسول ﷺ جو ٺڪاڻو دوزخ آهي.

علامه اقبال هڪ هنڌ" الڪتاب" (قرآن حڪيم) جي تعريف بيان ڪندي فرمائي ٿو:

ایں کتابے نیست چیزے دیگر است

قرآن ڪريم ٻين ڪتابن وانگر نه آهي پر هي ڪا ٻي شيءِ آهي!

اهڙي طرح ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته

ایں رسولے نیست چیزے دیگر است

پاڻ ڪريمن ﷺ جن ٻين رسولن وانگر رڳو هڪ رسول نه آهي پر هو ڪا ٻي شيءِ آهي.

جنهن جي اعليٰ محل، مقام ۽ قدرو منزلت کي رڳو الله ئي ڄاڻي ٿو.

غالب ثنائے خواجہ بہ یزداں گذاشتیم
کاں ذات پاک مرتبہ دانِ محمدؐ است

(غالب)

خداوند ڪريم ڪان دعا آهي ته هو اسان جي دل ۾ پنهنجي پياري حبيب ﷺ جي سچي محبت، ادب ۽ احترام کي قائم رکي. هن ڪتاب "آداب رسول الله ﷺ" ۾ ڪوشش ڪئي وئي آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ

سان محبت جي رشتي کي قائم رکڻ ۽ ادب ۽ احترام سان سندن نالو وٺڻ جو جذبو مؤمنن جي دل ۾ پيدا ڪجي. انهي ۾ ئي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ نجات آهي:

بمصطفیٰ برساں کہ دین ہمہ او ست
گر باو نہ رسیدی تمام بولہبیست

(اقبال)

اميد اٿم تہ قارئين حضرات آداب رسول الله ﷺ کي دل جي محبتن سان پڙهي، ان مان ضرور مفيد ٿيندا. هن ڪتاب ۾ آداب رسول الله ﷺ لاءِ آيات قرآني، احاديث، صحابہ ڪرام جي قول و فعل ۽ عاشقان رسول ﷺ جي زندگي جا اقوال ۽ حوالا پيش ڪيا ويا آهن. ڪوشش ڪري هر جڳهہ تي ان جو حوالو ڏنو ويو آهي. قارئين حضرات ۽ عاشقان رسول ﷺ کي گذارش آهي تہ اهي هن ڪتاب پڙهڻ سان گڏ مون فقير کي بہ پنهنجي دعائي خير ۾ ياد ڪرڻ فرمائين. تہ شال الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ﷺ جي صدقي مون کي پنهنجي بخشش، عفو ۽ درگذر سان نوازي، دنيا ۽ آخرت ۾ سرخرو رکي. آمين.

هن ڪتاب جي آخر ۾ شاتم ۽ گستاخ رسول ﷺ لاءِ قرآن، سنت ۽ قانون اسلامي جي روشني ۾ سزا، جزا ۽ نبي ﷺ جي شان ۾ ڪيس بشر بشر چئي گستاخي ڪرڻ جهڙي عمل لاءِ محترم ڊاڪٽر سميحه راحيل قاضي جي مضمون ۽ حضرت عبدالستار جان پيرسرهندي مجددي جي تحرير کي شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن قارئين حضرات شان رسول ﷺ جي نازڪ مقام کي محسوس ڪندي، پنهنجي لبڪشائي ڪرڻ وقت ادب ۽ احترام جي دامن کي مضبوط پڪڙڻ جي ڪوشش ڪن. ائين نہ ٿئي تہ هو پنهنجي ناداني ۽ گمراهيءَ سبب گستاخي جهڙو ملعون ۽ مذموم طريقو اختيار ڪري پنهنجي تمام اعمال کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏين. هي نهايت نازڪ مقام آهي، جتي هر

حرف زبان مان ڪڍڻ ۽ هر قدم کڻڻ وقت نهايت احتياط ۽ ادب جي ضرورت آهي. (وما علينا الا البلاغ)

ادب گاهيست زيرِ آسماں از عرش نازک تر
نفس گم کرده مي آيد جنيد و بايزيد ايں جا
(اقبال)

ادب ۾ جيڪڏهن هڪ حرف اڳتي پوئتي ٿي ويو
جهنم زندگي ٿي ويندي چڻ ساهن پساهن ۾
عبادت ۾ نه ايندي جيسين خوشبو تنهن جي الفت جي
ته سڀ سجدا ڳڻيا ويندا گناهن ٿي گناهن ۾
(مشتاق سچاروي)

اللّٰهم صل وسلم وبارك علىٰ حبيبك سيدنا و مولانا محمد عبدك و رسولك و علىٰ آله واصحابه واهل بيته وامته اجمعين برحمتك يا ارحم الراحمين.

دعائن جو محتاج:

غلام حسين "مشتاق" سچاروي، حيدرآباد سنڌ

نحمد الله العظيم و نصلي عليٰ رسوله الكريم

اما بعد: سنڌ جي دانشور، شاعر، صحافي ۽ اديب غلام حسين سچاروي صاحب ديني علوم سان گڏ عصري علوم بہ حاصل ڪيا، ڇڻ پاڻ مجمع البحرين آهن. هر وڏي جو ادب لازم آهي. مخلوقات مان سڀ کان مٿاهين شخصيت ۽ رحمة للعالمين هستي جي ادب تي تہ ايمان موقوف آهي ۽ مشهور مقولو " با ادب با نصيب وبي ادب بي نصيب" اصل ۾ آهي ئي سيد المرسلين، خاتم الانبياء، سيدنا محمد رسول الله ﷺ جي ادب بابت. رسول الله ﷺ جي ادب تي سچاروي صاحب هيءُ ڪتاب "آداب رسول الله ﷺ" جنهن عمدي ۽ دلنشين طريقي سان لکيو آهي، اهڙو ڪتاب سچاروي صاحب ئي لکي پيو سگهي. مون ڪتاب جو حرف بحرف مطالعو ڪيو تہ مون کي بهترين مفيد ۽ جامع نظر آيو. فجزاه الله خيرا

عبدالوهاب چاچڙ

چيف ايڊيٽر، ماهوار شريعت

و شيخ الحديث جامعه عربيه دار العلوم الشرعية روهڙي

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي عليٰ رسوله الكريم

اما بعد: ناظرين باتمڪين توهان جو نور نظر بنجندڙ رسالو "آداب رسول الله ﷺ" جيڪو پنهنجي عنوان ۽ موضوع لاءِ شاهد عادل آهي، جنهن ڪي دل نشين ۽ سهنجڙي انداز سان مختصر، مگر جامع حضرت علامه غلام حسين مشتاق عرف سچاروي صاحب جمع فرمايو آهي. فقير مختلف هنڌن کان ڏسڻ جي سعادت حاصل ڪئي. پنهنجي موضوع تي پهنجو مٽ پاڻ لڌو. دعا آهي تہ الله علامه سچاروي صاحب جي ان ڪاوش ڪي درجهٔ اجابت ۾ آڻي، آمين.

يارب ايں آرزوئے من چہ خوش است

تو بديں آرزو مرا برساں

حرره مفتي عبدالرحمٰن ٺٽوي

از دارالعلوم مجدديه عثمانيه مڪلي ٺٽه

# آداب رسول الله ﷺ

الحمد لله رب العالمين والصلوٰة والسلام عليٰ سيد الانبياء والمرسلين محمد و آلهٖ واصحابهٖ وامتهٖ اجمعين.اما بعد:

الله تعاليٰ جا انسانن تي ايڏا تہ احسان ۽ ڪرم آهن، جن جو ڪو حد حساب ئي نہ آهي. جيڪڏهن سمورا سمنڊ، دريا، ڍنڍون ڍورا ۽ پاڻي جا ذخيرا مَسُ بڻجي وڃن ۽ تمام حجر، شجر، ڪک، پن قلم بڻائي سندس احسانن جو اپٽار ڪيو وڃي تہ مَسُ، قلم ۽ لکڻ وارا ڪٽي پوندا پر سندس احسانن جو ڪاٿو ڪري ڪونہ سگھبو.

﴿قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَلَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ۝﴾ (الڪهف آية:١٠٩)

تَرْجَمَۃ: ”اوهان (هنن کي) ٻڌايو تہ منهنجي پروردگار جون ڳالهيون (ڪلمات، حڪمتون، دليل ۽ برهان) لکڻ لاءِ جيڪڏهن سمنڊ مس بڻجي پوي تہ اهو بہ منهنجي رب جي ڳالهين جي ختم ٿيڻ کان اڳ ختم ٿي ويندو، توڙي اهڙا ٻيا سمنڊ ان جي مدد ۾ آڻجن (تہ خدا جي حڪمتن جو بيان ٿي نہ سگهندو). “

اهڙي طرح سورة الرحمٰن ۾ بار بار فرمايو ويو آهي:

﴿فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ﴾

تَرْجَمَۃ: ”اوهان ٻئي (اي جنو! ۽ انسانو!) خدا جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندو. “

خدا وند ڪريم جون هي بيشمار نعمتون جيڪي پوري انسان ذات لاءِ دعوت عام آهن، هنن جو هن ڪٿي بہ خاص احسان نہ ڳڻايو آهي. پر مؤمنن تي خدا وند ڪريم جو هڪ اهڙو خاص احسان آهي، جنهن جو ذڪر ڪندي ارشاد رباني آهي:

﴿لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ﴾ (آل عمران آيت ١٦٤)

تَرْجَمَةٌ: بيشڪ مؤمنن تي الله تعاليٰ وڏو احسان ڪيو آهي جو هن انهن مان ئي پنهنجو هڪ رسول هنن ڏانهن موڪليو. جيڪو هن (خدا) جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو. هنن کي پاڪ ڪري ٿو. هنن کي ڪتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو. يقينن اهي سڀ هن کان اڳ ڇٽي گمراهي ۾ هيا.

انهي ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ حضور ﷺ جن جي ذات گرامي مؤمنن جي لاءِ هميشه هميشه هدايت ۽ رهبري جو عمدو مثال، روشن مينار ۽ رحمتن ۽ برڪتن جو اڻ کٽ آبشار آهي. خدا وند ڪريم جو واقعي اسان تي هي سڀ کان وڏو احسان آهي، جو هن اسان کي پنهنجي پياري حبيب خاتم النبيين سيد الانبياءِ والمرسلين جو امتي بڻائي ”كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ“ ۽ ”اُمَّةً وَّسَطًا“ يعني ڀلاري ۽ افضل امت هجڻ جو شرف بخشيو آهي. خدا وند ڪريم جنهن نعمت کي مؤمنن جي لاءِ پنهنجو عظيم احسان ڄاڻايو آهي ۽ جنهن احسان عظيم جي ڪري هي امت ”خير امت“ ڀلاري ۽ افضل امت جي نالي سان سڏجڻ لڳي آهي، ان جو اصل ڪارڻ بيان ڪندي ارشاد رباني آهي:

﴿فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ﴾ (سورة الاعراف آيت ١٠٧)

تَرْجَمَةٌ: پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو، ان (نبي اڪرم ﷺ جن) تي ۽ سندن تعظيم ۽ توقير ڪئي ۽ جن انهي ادب ۽ احترام واري جذبي سان سندن مدد ۽ حمايت ڪئي ۽ سندن مشن جي تڪميل ۽ سندن مقصدن جي پوري ڪرڻ ۾ سندن ٻانهہ ٻيلي ٿي بيٺا ۽ پنهنجيون تمام قوتون، صلاحيتون ۽ توانائيون هن ۾ لڳائي ڇڏيون ۽ هنن

ان نور ۽ روشني جو پورو پورو اتباع ڪيو، جيڪو هن سان گڏ نازل ڪيو ويو آهي تہ اهي ماڻهو ئي خدا تعاليٰ وٽ فلاح ۽ ڪاميابي ماڻڻ وارا آهن.

هن آيت ڪريمه جو جيڪڏهن پهريون حصو پڙهون، جنهن جا اصل مخاطب اهل ڪتاب يعني يهود ۽ نصاريٰ آهن تہ اهو هن طرح آهي:

﴿اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ۭ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝﴾

(الاعراف ۷ :۱۵۷)

تَرْجَمَۃ: هي اهل ڪتاب جيڪي ان رسول، نبي امي جو اتباع ڪن (ٿا) جن جي باري ۾ تيل پيشن گويون هو پنهنجي ڪتاب تورات ۽ انجيل ۾ موجود پائن ٿا. جنهن بابت هن کان اڳ آيل انبيا ڪرام هن جون خوشخبريون ڏيندا آيا آهن. اهو رسول هاڻي اوهان وٽ اچي ويو آهي، جيڪو نيڪين ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو، برايون ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ اوهان جيڪي شريعت جي نالي ۾ پاڻ تي بار وڌا آهن يا بيڙيون پاتيون آهن انهن کان اوهان کي نجات ڏياري ٿو. جيڪو اوهان لاءِ پاڪ شين کي حلال ۽ ناپاڪ شين کي حرام قرار ڏئي ٿو. پوءِ اوهان مان جن انهي نبيءَ تي ايمان آندو، ان جي عزت ۽ توقير ڪئي، ان جي مدد ڪئي ۽ ان جو اتباع ڪيو تہ اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن.

جيڪڏهن هن آيت ڪريمه کان اڳتي وڌندا سون تہ ارشاد باري تعاليٰ آهي:

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّىْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعَۨا الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (الاعراف ۷ :۱۵۸)

تَرْجَمَہ: اي نبي اڪرم ﷺ توهان هنن ڪي ٻڌائي ڇڏيو تہ اي انسانو..! آءٌ اوهان سڀني ڏانهن الله جو رسول ٿي آيو آهيان. اهو خدا جنهن جي آسمانن ۽ زمينن ۾ بادشاهي آهي گويا جتي جتي خدا جي بادشاهي آهي، اتي اتي آءٌ ان الله جو رسول ۽ پيغمبر آهيان.

ان ڪري نوع انسان تي لازمي آهي تہ

١- رسول الله ﷺ جن تي ايمان آڻين ۽ ان جي دل ۽ زبان سان تصديق ڪن.

٢- انهيءَ خدا جي رسول ﷺ جن جي تعظيم ۽ توقير ڪن.

٣- سندس نصرت ۽ مدد ڪن ۽ سندس پيروي ڪرڻ سان خدا پاران نازل ڪيل ڪتاب، جيڪو روشني جو بنياد آهي، ان مان رهبري ۽ رهنمائي حاصل ڪن. هن آيت سڳوري ۾ آيل لفظ عَزَّرُوهُ ۾ مؤمنن کي چيو ويو آهي تہ هو رسول الله ﷺ جن جي اهڙي تعظيم، توقير ۽ مدد و نصرت ڪن، جنهن سان سندن ذات گرامي يا پيغام رباني، تمام شرپسندن ۽ غليظ ذهنن جي هر طرح جي تخريب ڪاري کان محفوظ رهي. يعني رسول الله ﷺ جن ڏانهن ڪا بہ اهڙي ڳالهہ منسوب ٿيڻ نہ ڏني وڃي، جنهن ۾ سندس تعظيم ۽ تڪريم تي ڪو حرف اچي. مسلمانن کي نہ رڳو پنهنجي دل جي اندر تعظيم ۽تڪريم ڪرڻي آهي پر ڪين هر انهي سازش ۽ شرارت جو عملي طرح دفاع بہ ڪرڻو آهي، جيڪا سندن مانَ، مرتبي جي خلاف هجي. هن آيت سڳوري مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ ايمان جي پهرين پهرين تقاضا ئي اها آهي تہ مؤمن جي من ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي عزت، احترام، تعظيم ۽ توقير انهي حد تائين موجود هجي جو هر ڏکئي کان ڏکئي دور، محل ۽ موقع تي بہ سندس عزت ۽احترام جي حفاظت لاءِ مدافعت جي مضبوط ديوار بڻجي وڃي. گويا ايمان جو پهريون فطري ۽ لازمي نتيجو حضور ﷺ جن جي عزت، احترام، تعظيم ۽ توقير ڪرڻ ۽ ان جي هر حال ۾ حفاظت ۽ مدافعت ڪرڻ آهي. سورة الفتح ۾ ارشاد خداوندي آهي:

﴿اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۝ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُعَزِّرُوْهُ وَتُوَقِّرُوْهُ ۚ وَتُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ۝﴾ (الفتح ٤٨: ٥)

تَرْجَمَة : (اي محمد ﷺ) اسان توکي (امت مٿان) شاهدي ڏيندڙ، (چڱن ڪمن جي) خوشخبري ڏيندڙ (برن ڪمن کان) ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ويو آهي. (اي مسلمانو!) اسان هن کي انهي ڪري پنهنجو رسول ڪري موڪليو آهي تہ اوهان الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو. هن جي (هر محاذ تي) مدافعت واري مدد ڪيو ۽ هن جي تعظيم ڪريو ۽ الله کي هر عيب کان پاڪ سمجهندي صبح، شام سندس تسبيح ۽ تقديس ۾ رڌل رهو.

هن آيت ڪريمه ۾ بہ خداوند ڪريم نهايت صاف صاف الفاظن ۾ بيان ڪيو آهي تہ اسان ئي توکي امت تي شاهدي ڏيڻ وارو، ڪين بشارت ڏيڻ وارو ۽ برن ڪمن جي نتيجن کان ڊيڄارڻ وارو ڪري موڪليو آهي. تون اسان لاءِ الله جو موڪليل رسول آهين، ان ڪري تنهنجي اطاعت الله جي اطاعت آهي. تنهنجونافرمان خداجو نافرمان آهي، توکي ايذاء پهچائيندڙ خدا کي ايذاء پهچائيندڙ ۽ ناراض ڪندڙ آهي. ان ڪري مؤمنن لاءِ لازمي آهي تہ اهي نہ رڳو تنهنجي دل سان عزت ۽ تعظيم ڪن، پر تنهنجي عزت ادب ۽ احترام جي دفاع لاءِ ﴿بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ﴾، شيهي پيريل ديواريا مضبوط پهاڙ وانگر اٽل ۽ اڏول بڻجي وڃن. اهو فريضو سر انجام ڏيڻ تي خدا جي تسبيح ۽ تقديس بيان ڪن، جنهن اوهان جي دل ۾ حضور ﷺ جن جي اهڙي تہ سچي محبت پيدا ڪئي آهي، جيڪا ناموس مصطفيٰ ﷺ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ هميشه تيار آهي، انهي آيت سڳوري جي مضمون کي اڳتي وڌائيندي ايندڙ آيت ڪريمه ۾ ارشاد آهي تہ :

﴿اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ ؕ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ﴾ (الفتح ٤٨: ١٠)

تَرْجَمَة : اي پيارا رسول ﷺ بيعت رضوان وقت، جن تنهنجي جان نثار ساٿين ۽ اصحابن سڳورن تنهن جي هٿ مبارڪ تي بيعت

ڪئي آهي ائين آهي تہ ڄڻ هنن الله جي پاڪ هٿ تي بيعت ڪئي آهي.

اهڙي طرح جنگ بدر دوران سورة الانفال آيت ۱۷ ۾ ارشاد رباني آهي:

﴿فَلَمْ تَقْتُلُوهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ ۖ وَمَا رَمَيْتَ إِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى﴾

تَرْجَمَہ : اي منهنجا پيارا حبيب ﷺ انهن ڪافرن کي تلوارون هٽي توهان قتل ڪونہ ڪيو آهي پر الله تعاليٰ پاڻ انهن کي قتل ڪيو آهي ۽ تون هنن ڏانهن پٿريون نہ اڇلايون آهن پر اهي الله تعاليٰ اڇلايون آهن.

سبحان الله وبحمده ڇا شان آهي رسول پاڪ ﷺ جو، جنهن جي هر قول ۽ فعل کي خدا پنهنجو قول ۽ فعل ڄاڻائي ٿو. سندس هٿ مبارڪ تي بيعت ڪرڻ کي الله پنهنجي هٿ تي بيعت ڪرڻ سمجهي ٿو. سندس هٿ مبارڪ سان جنگ ۾ ڪافرن ڏانهن اڇلايل پٿرين کي بہ خدا پنهنجي هٿن جو ڪارنامو ڪري پيش ڪري ٿو. ان ڪري: وَمَآ اٰتٰكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۚ وَمَا نَهٰكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا (الحشر۵۹: ۷) يعني پاڻ ڪريم ﷺ جن جيڪو بہ حڪم ڏين اهو بجا آڻيو ۽ جنهن ڪان بہ روڪن ان ڪان رڪجي وڃو ڇو تہ :

﴿وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى O﴾ (النجم ۵۳ : ۳)

تَرْجَمَہ : هو پنهنجي خواهشن سان نہ ٿو ڳالهائي پر جو ڪجهہ ڳالهائي ٿو تہ اهو خدا پاران وحي ٿيل آهي.

ان ڪري سندس هر لفظ، هر فرمان خدا جا لفظ ۽ خدا جو فرمان آهن. انهن جي اطاعت ڪرڻ لازمي آهي. حضور ﷺ جن جي ادب، عزت ۽ احترام لاءِ سورت سڄوري الحجرات جون پهريون پنج آيتون قابل ديد آهن. هن سورت سڄوري جي شروع ٿيڻ ڪان اڳ سورت الفتح جي آخري آيت شريف ﴿مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ۚ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ﴾ ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ پاڻ ڪريمن ﷺ ۽ سندس صحابہ ڪرام جو شان ۽ اعليٰ اوصاف بيان فرمايا آهن، جنهن بعد سورت الحجرات جي شروعات هن طرح سان ڪئي آهي :

﴿يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ۝ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ۝ اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ ۝ اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝ وَلَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝﴾

تَرْجَمَہْ : اي ايمان وارو! اوهان الله ۽ ان جي رسول کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. الله کان ڊڄندا رهو. بيشڪ الله تعاليٰ ٻڌندڙ ۽ (اوهان جي دلين جو حال) ڄاڻندڙ آهي. هن ڪان ڪا بہ شيءِ لڪل نہ آهي تہ اوهان پنهنجي قول وفعل ۾ ڪيترا محتاط آهيو ۽ الله ۽ ان جي رسول سڳوري (ﷺ) جي حڪمن جا اطاعت گذار آهيو. اي ايمان وارو! پنهنجو آواز نبي جي آواز کان بلند نہ ڪريو ۽ نہ وري ساڻس اهڙي طرح زور زور سان ڳالهايو، جهڙي طرح اوهان پاڻ ۾ ڳالهايو ٿا. اوهان جي اها روش گستاخي، بي ادبي جو سبب بڻبي جيڪا ڳالهہ خدا کي هرگز هرگز پسند نہ آهي. اهڙي روش سان اوهان جا سمورا زندگي ڀر جا عمل برباد ٿي ويندا، جنهن جو اوهان کي پتو بہ نہ پوندو. بيشڪ جيڪي ماڻهو رسول الله ﷺ جن جي حضور ۾ پنهنجو آواز پست رکن ٿا، هي اهي پيارا ماڻهو آهن، جن جي دلين کي الله تعاليٰ تقويٰ لاءِ خالص ڪري چڪيو آهي. اهڙين دلين ۾ تقويٰ کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ داخل بہ نہ ٿي ٿي سگهي. اهڙن ماڻهن لاءِ ئي مغفرت ۽ اجر عظيم آهي. جيڪي ماڻهو حجرن جي ٻاهران بيهي پاڻ ڪريمن ﷺ جو اسم مبارڪ (يا محمد اخرج الينا اي محمد (ﷺ) ٻاهر نڪري اچ) چئي سڏ ڪن ٿا، انهن مان اڪثر

بي عقل انسان آهن (جيڪڏهن هنن کي عقل هجي ها تہ هو پاڻ ڪريمن ﷺ جن جو ادب ڪن ها اهڙي طرح سندس رکو نالو وٺي ڪين زور زور سان گستاخانا رنگ ۾ سڏ ڪرڻ جي جرئت ئي ڪونہ ڪن ها.) جيڪڏهن اهي ماڻهو صبر ڪن ها ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جن پاڻ ٻاهر نڪري اچن ها تہ اهو هنن لاءِ بهتر هجي ها. الله غفور رحيم آهي.

هنن آيتن سڳورين ۾ الله تعاليٰ انهن مؤمنن سان مخاطب آهي، جن جون دليون الله جي اطاعت ۽ الله جي رسول ﷺ جن جي محبت ۾ ڌڙڪن ٿيون. ڪين هدايت ٿي رهي آهي تہ پنهنجي هر قول ۽ فعل ۾ احتياط ڪريو. پنهنجي سمجهہ ۽ راءِ کي ايتري اهميت نہ ڏيو. جو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جن جي اطاعت کان ٻاهر ٿي وڃو. هميشه الله جي عظمت ۽ حضور ﷺ جن جي عزت ۽ احترام جو ڪٽڪو دل ۾ رهي. ڪنهن بہ ڪم ۾حضور ﷺ جن تي پيش قدمي يا سبقت ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. آداب مجلس بيان ڪندي ڪين هدايت ٿي رهي آهي تہ پاڻ ڪريمن سڳورن ﷺ جن جي آواز کان پنهنجي آواز کي بلند نہ رکو ۽ اهڙي طرح ساڻس وڏي آواز ۾ گفتگو نہ ڪريو. جهڙي طرح اوهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان گفتگو ڪندا آهيو. ڇو تہ اها خدا وٽ گستاخي تصور ڪئي ويندي ۽ اها اهڙي گستاخي آهي، جنهن ۾ اوهان جا عمر ڀر جا سمورا عمل برباد ٿي ويندا ۽ اوهان کي ان جو پتو بہ ڪونہ پوندو. اوهان جي اها گستاخي خدا وٽ خدا جي رسول ﷺ جن کي ايذاءُ ڏيڻ جي ڪاتي ۾ داخل ٿيندي. اگرچه اوهان کي ان جي خبر بہ نہ هوندي تہ اوهان ڪيڏي وڏي بي ادبي ۽ گستاخي ڪري رسول ڪريم ﷺ جن کي ايذائڻ ۽ تڪليف ڏيڻ جي ڪُڌي ڪم ۾ رڌل آهيو. جنهن جي پاداش ۾ اوهان جي زندگي ڀر جا عمل تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا. ان ڪري حضور ﷺ جن جي دربار ۾ همہ تن خاموش ۽ متوجه ٿي سندن ارشادات مان فيض حاصل ڪندا رهو. سندن غير موجودگي ۾ ادب ۽ احترام سان ويهي سندن آمد جو انتظار ڪندا رهو ۽ ڪا بہ اهڙي حرڪت نہ ڪريو. جنهن ۾ سندن گستاخي يا بي ادبي جو

پهلو شامل هجي. نہ سندن گهرَ جي دروازي جي سامهون بيهو، نہ وري کين نالو وٺي زور زور سان سڏ ڪريو ۽ نہ وري سندن گهر ۾ ضرورت کان وڌيڪ ويهي سندن دل تي بار بڻجو. جيئن سورت احزاب ۾ آهي. اهي سڀ ڳالهيون الله کي ناپسند آهن. سندن مجلس ۾ ويهي هڪ ٻئي سان سرگوشيون ڪرڻ يا اشارن، ڪناين ۾ ڳالهيون ڪرڻ، هڪ ٻئي کي اکيون هڻڻ وغيره وغيره جهڙا ڪڏا ڪم نہ رڳو خدا کي ناپسند آهن، پر اهي اوهان جي عملن جي غارتگري جو ڪارڻ آهن، ڇو تہ اهي سڀ ڪم رسول الله ﷺ جن جي گستاخي، بي ادبي ۽ ايذاء رساني ۾ شامل آهن، جن جي خدا وٽ معافي ناهي. ڇو تہ ايمان، اطاعت، محبت ۽ نصرت اهي سڀ عزت ۽ احترام کان سواءِ اهڙا ڪاغذ جا گل آهن، جيڪي ڏسڻ ۾ تہ خوبصورت لڳن ٿا، پر خوشبو کان خالي آهن. حضور ﷺ جن سان دنيا وما فيها جي هر شيءِ کان وڌيڪ محبت ڪرڻ ۽ سندس دل جي گهراين ۽ ايمان جي صداقتن سان تعظيم ۽ توقير ڪرڻ ۽ سندس عزت احترام ۽ ناموس لاءِ سپر سينو ٿي بيهڻ، هر مؤمن جو متاع- عزيز آهي، جنهن کان سواءِ ايمان جي دعويٰ ڪرڻ فضول آهي. حديث شريف ۾ آهي:

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى اَكُوْنَ اَحَبَّ اِلَيْهِ مِنْ وَالِدِهٖ وَوَلَدِهٖ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ[1]

تَرْجَمَةٌ: اوهان مان تيستائين ڪو بہ مؤمن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين آءٌ (محمد ﷺ) ڪيس سندس اولاد ماءُ پيءُ ۽ تمام انسانن کان وڌيڪ پيارو نہ هجان.

گويا پنهنجي ذات ۽ دنيا جي هر شيءِ کان حضور ﷺ کي پيارو سمجهڻ ايمان جو بنيادي شرط آهي. جنهن کان سواءِ مؤمن ٿيڻ ئي ممڪن نہ آهي. انهي پيار ۾ بہ جيستائين ادب ۽ احترام جو روح ۽ رس

(۱) صحيح بخاري ڪتاب الايمان حديث: ۱۴- سنن الدارمي حديث:۲۶۲۹ ـــ مسند احمد حديث: ۱۳۴۴۹- سنن ابن ماجه حديث:۶۶

شامل نہ آهي تہ اهو ڪوڪلو پيار اٿيي ايمان جي نشاني آهي.

محبت ادب آشنا ٿي وڃي،

تہ چڻ عشق جي انتها ٿي وڃي.

بيعت رضوان بعد صلح حديبيه جو دستاويز تيار ٿي رهيو آهي جنهن جا سمورا شرط ظاهري طرح مسلمانن جي مفاد ۾ نظر نہ ٿا اچن، مگر خدا جو رسول ﷺ پنهنجي بصيرت نبوي سان مستقبل ۾ حاصل ٿيندڙ اهو ڪجھہ ڏسي رهيو آهي، جيڪو پين جي نگاهن کان اوجهل آهي. ڪفار مڪه پاران سهيل صلح نامي لکڻ ۽ ان تي دستخط ڪرڻ لاءِ موجود آهي. ڪتابت جا فرائض حضرت علي رضي الله عنه جن ڏئي رهيا آهن. عهد نامي جي شروعات بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان ڪئي وئي تہ سهيل اعتراض واريو تہ الرحمٰن الرحيم بدران باسمك اللّٰهم لکيو وڃي. حضور ﷺ جن اهو قبول ڪيو ۽ حضرت علي رضي الله عنه جن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ بدران باسمك اللّٰهم تحرير ڪيو. هن اعتراض کان علاوه معاهدي جا ڪڙوا ڪڙوا شرط بہ مڃيا. آخر ۾ دستخط ڪرڻ واري جڳهہ تي معاهده جي شروعات ۾ لکيو ويو:

هٰذَا مَا قَاضٰى عَلَيۡهِ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ وَ قُرَيۡشٌ وَفِيۡ رِوَايَةٍ وَ سُهَيۡلُ بۡنُ عَمۡرٍو

تَرۡجَمَہ: هيءُ اهو صلح آهي، جنهن تي محمد رسول الله ﷺ ۽ سهيل بن عمرو متفق ٿيا آهن.

هڪ طرف محمد رسول الله ﷺ لکيو ويو تہ ٻئي طرف سهيل لکيو ويو. جنهن تي سهيل اعتراض ڪيو تہ اسان جيڪڏهن اوهان کي رسول الله تسليم ڪريون تہ پوءِ جهڳڙو کهڙي ڳالهہ جو آهي، ان ڪري "محمد رسول الله ﷺ" بدران "محمد بن عبدالله (ﷺ)" لکيو وڃي. حضور عليه الصلوٰة والسلام جن هن صلح جي معاهدي کي ڪامياب ڪرڻ جي خاطر اها ڳالهہ بہ مڃي ورتي ۽ حضرت علي رضي الله عنه کي لفظ "رسول الله" ڊاهڻ جو حڪم ڏنو. حضرت علي رضي الله عنه جيڪو هميشه حضور عليه الصلوٰة

والسلام جن جي حڪم جو سراپا فرمان بردار هيو، تنهن پنهنجي هٿن سان لفظ رسول الله کي مٽائڻ بي ادبي سمجهي ۽ هن سراپا جان نثار فرمانبردار عاشق رسول ﷺ اهڙي بي ادبي ڪرڻ کان ڪيپايو ۽ عرض ڪيائين تہ خدا جا سچا رسول ﷺ! علي جي هٿن ۾ طاقت ناهي جو رسول خدا جو لفظ مٽائي سگهي. ٻيا اصحاب سڳورا بہ بضد ٿي بيٺا تہ خدا جي سچي رسول جي نالي پٺيان لفظ رسول الله کي مٽائڻ نہ ڏيندا سون. جيڪڏهن هو اها ڳالهہ مڃڻ جي لاءِ تيار نہ آهن تہ پوءِ هنن ۽ اسان جي وچ ۾ تلوار فيصلو ڪندي، مگر حضور ﷺ جيڪو هن معاهدي جا دور رس فائدا پنهنجي نبوت جي نگاهن سان ڏسي رهيو هيو، تنهن حضرت علي عليہ السلام جي جي هٿ مان قلم ونئي، پاڻ نبي امي ﷺ جن لکڻ شروع ڪيو تہ

هٰذَا مَا اصْطَلَحَ عَلَيْهِ مُحَمَّدُ ابْنُ عَبْدِ اللهِ وَسُهَيْلُ بْنُ عَمْرٍو عَلٰى وَضْعِ الْحَرْبِ عَشْرَ سِنِيْنَ يَأْمَنُ فِيْهَا النَّاسُ وَيَكُفُّ بَعْضُهُمْ عَنْ بَعْضٍ [۱]

تَرْجَمَہْ: هي اهو فيصلو آهي، جو محمد بن عبدالله ۽ سهيل بن عمرو درميان ڏهہ سال هڪ ٻئي سان جنگ نہ ڪرڻ جو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سڀ ماڻهو امن سان رهندا ۽ هڪ ٻئي تي چڙهائي ۽ جنگ نہ ڪندا.

اوهان ڏٺو تہ حضرت علي ﷺ جهڙي فرمانبردار، اطاعت گذار ۽ جان نثار سپاهي بہ لفظ رسول الله ﷺ کي پنهنجن هٿن سان مٽائڻ کي بي ادبي سمجهندي، اهڙي عمل کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي، اگرچہ سرڪار عالم ﷺ کين پاڻ ان لفظ جي مٽائڻ جي اجازت بہ ڏني يا حڪم ڪيو. پر ادب ۽ احترام مقدس هٿن ۽ ذهن آڏو ديوار بڻجي بيٺو ۽ سندس هٿ لفظ "رسول الله" مٽائڻ کان ڏڪي رهيا هيا.

سورت حجرات جي هن آيت ڪريمہ:

﴿لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ﴾

---

(۱) مسند احمد حديث: ۱۸۱۵۲

جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن جي آواز مبارڪ کان آواز زياده بلند ڪرڻ يا ساڻس اهڙي طرح زور زور سان گفتگو ڪرڻ جهڙي طرح پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان گفتگو ڪن ٿا، خدا وٽ هڪ قسم جي اهڙي بي ادبي ۽ گستاخي سمجهي وئي، جنهن سان عمر ڀر جا سمورا نيڪ عمل چٽ ٿي وڃن، جو خدائي حڪم ٻڌي اصحابن سڳورن کي ڏڪڻي وٺي وئي، حضرت ابوبڪر رضي الله عنه چيو ته يا رسول الله ﷺ مون کي رب پاڪ جو قسم آهي ته هاڻي پوري زندگي اوهان سان اهڙي طرح آهستي آواز ۾ مخاطب ٿيندس، جيئن ڪوئي ڪنهن سان سرگوشي ڪري رهيو آهي.[1]

حضرت عمر رضي الله عنه ايترو ته آهستي ڳالهائڻ لڳا جو ڪيترا ڪيترا ڀيرا ڪيس ساڳي ڳالهه وري وري دهرائڻ لاءِ چيو ويندو هو.[2]

حضرت ثابت بن قيس رضي الله عنه طبعي طور بلند آواز هو. سندس ڳالهائڻ جو آواز پري پري ويندو هيو. اها آيت سڳوري ٻڌي ڊڄي ويو ۽ پاڻ کي گهر ۾ بند ڪري ڇڏيائين ۽ چوڻ لڳو ته آءٌ دوزخي آهيان. جنهن تي حضرت رسول الله ﷺ جن سندس باري ۾ دريافت فرمايو. حضرت انس رضي الله عنه سندس خبر لهڻ ان جي گهر تي ويو. پاڻ ڪنڌ جهڪائي ويٺو هو. پڇيائين ته تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ جواب ڏنائين ته ڏاڍي خراب خبر آهي. رسول الله ﷺ جن جي سامهون ڏاڍيان ڳالهائيندو هيم، تنهن ڪري منهنجو عمل چٽ ٿي ويو. حضرت انس رضي الله عنه اهو حال سرڪار مدينه ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو. پاڻ ڪيس حڪم فرمايائون ته ان وٽ وڃ ۽ ڪيس خوشخبري ڏي ته تون دوزخين مان نه، پر جنتين مان آهين.[3]

هي اهي اصحابي سڳورا هيا، جن جي شان مبارڪ جي پاڻ حضور ﷺ جن گواهي ڏني آهي.

---

(۱) مسند احمد حديث:۱۵۵۴۸

(۲) صحيح بخاري الاعتصام بالكتاب والسنة حديث: ۶۷۵۸

(۳) صحيح بخاري ڪتاب المناقب حديث: ۳۳۴۴

عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ مَسْعُوْدٍ قَالَ اِنَّ اللهَ نَظَرَ فِيْ قُلُوْبِ الْعِبَادِ فَوَجَدَ قَلْبَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَيْرَ قُلُوْبِ الْعِبَادِ فَاصْطَفَاهُ لِنَفْسِهٖ فَابْتَعَثَهٗ بِرِسَالَتِهٖ ثُمَّ نَظَرَ فِيْ قُلُوْبِ الْعِبَادِ بَعْدَ قَلْبِ مُحَمَّدٍ فَوَجَدَ قُلُوْبَ اَصْحَابِهٖ خَيْرَ قُلُوْبِ الْعِبَادِ فَجَعَلَهُمْ وُزَرَاءَ نَبِيِّهٖ يُقَاتِلُوْنَ عَلٰى دِيْنِهٖ فَمَا رَاٰى الْمُسْلِمُوْنَ حَسَنًا فَهُوَ عِنْدَ اللهِ حَسَنٌ وَمَا رَاَوْا سَيِّئًا فَهُوَ عِنْدَ اللهِ سَيِّئٌ (١)

تَرْجَمَهْ: حضرت ابن مسعود رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن جي دلين تي نگاه وڌي، پوءِ محمد ﷺ جن جي دل کي سڀني ٻانهن جي دلين کان وڌيڪ پاڪيزه ۽ متقي لڌائين. پوءِ کين پنهنجي نفس لاءِ چونڊيائين، پوءِ کين پنهنجو رسول ڪري موڪليائين. حضرت محمد ﷺ جن جي قلب مبارڪ کان پوءِ، الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن جي دلين تي نگاه وڌي تہ سندن اصحابين سڳورن جي دلين کي سڀ کان چڱو لڌائين، پوءِ کين پنهنجي نبيءَ سڳوري جو وزير مقرر ڪيائين، جيڪي سندس دين تي (ماڻهن سان) وڙهن ٿا. پوءِ جنهن شيءِ کي مسلمان سٺو سمجهن اها الله وٽ سٺي آهي. جنهن کي اهي برو سمجهن، اها الله وٽ بري آهي.

اَصْحَابِيْ كَالنُّجُوْمِ فَبِاَيِّهِمُ اقْتَدَيْتُمْ اهْتَدَيْتُمْ (٢)

تَرْجَمَهْ: منهنجا اصحاب سڳورا تارن مثال آهن. پوءِ اوهان انهن مان جنهن جي بہ پيروي ڪئي، هدايت يافتہ ٿي ويندؤ.

فَمَنْ اَحَبَّهُمْ فَبِحُبِّيْ اَحَبَّهُمْ وَمَنْ اَبْغَضَهُمْ فَبِبُغْضِيْ اَبْغَضَهُمْ (٣)

تَرْجَمَهْ: جنهن بہ هنن (اصحابن سڳورن) سان محبت ڪئي تہ ڄڻ ان

(1) مسند احمد حديث: ٣٤١٨

(٢) جامع الاصول في احاديث الرسول ص٥٥٦ج٨- حديث: ٦٣٦٩

(٣) سنن ترمذي ڪتاب المناقب حديث: ٣٧٩٦ - مسند احمد حديث:١٦٢٠١-

مون سان محبت ڪندي. هنن سان محبت ڪئي ۽ جنهن هنن سان بغض، (ساڙ نفرت) ڪئي تہ هن گويا مون سان بغض رکندي هنن سان بغض ڪيو.

اهي اصحاب سڳورا، جن جي شان ۾ ڪيتريون قرآني آيتون ۽ حضور ﷺ جن جي حديثون مبارڪون موجود آهن، جن مان ڪيترن کي سندس زندگي ۾ جنت جون بشارتون مليل آهن کين عزت ڀريا القاب عطا ٿيل آهن. جن جي لاءِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ (الله هنن کان خوش آهي ۽ هو الله کان خوش آهن.) جهڙا قرآني فيصلا موجود آهن، اهي ٻہ پاڻ ڪريمن ﷺ جي تعظيم ۽ تڪريم ۾ سراپا فدا ۽ جان نثار رهيا. حضور ﷺ جن جي عزت ۽ احترام جي دفاع لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائڻ لاءِ آتا هئا. سندس دلين ۾ حضور ﷺ جن جي تعظيم ايتري تہ جاءِ گزين هئي، جو هو سندن حضور ﷺ ۾ گفتگو نہ ڪري سگهندا هيا. ڪجهہ پڇڻو يا معلوم ڪرڻو هوندو هين تہ ڏيهن جا ڏينهن خاموشي سان انتظار ڪندا رهندا هيا تہ ڪو بدوي يا ٻاهران ايندڙ شخص اچي اها ڳالهہ پڇي تہ هو ان جو جواب ٻڌي وٺن. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي مجلس ۾ خاموش پنڊ پهڻ ٿي ٻڌندا رهندا هيا. ڪيترا اصحابي سڳورا پنهنجا مسئلا امان سائڻ حضرت عائشه صديقه ۽ فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي معرفت معلوم ڪندا هيا. صحابہ ڪرام جي آداب ۽ تعظيم رسول الله ﷺ جو لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي، ڇو تہ ادب ۽ تعظيم دل ۽ قلب جي ڪيفيت جو نالو آهي. تعظيم جو تعلق دلين جي اٿاهہ گهراين سان آهي. ان جو الفاظ ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي اصحاب سڳورن کي هميشہ اهو ڌپ رهندو هيو تہ متان اهڙو ڪو جملو نہ نڪري وڃي يا ڪو فعل سرزد ٿي وڃي، جنهن سان پاڻ ڪريمن ﷺ جن کي ايذاء ۽ تڪليف پهچي. ڇو تہ کين ايذاء پهچائڻ، تڪليف ڏيڻ يا رنج ڪرڻ خدا جي غضب کي دعوت ڏيڻي آهي. جهڙي طرح الاحزاب جي آيت ٥٧ ۾ ارشاد آهي:

﴿إِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ

﴿وَأَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِينًا۝﴾

تَرْجَمَہ: بيشڪ جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جن کي ايذاء پهچائين ٿا، انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله جي لعنت ۽ ڦٽڪار آهي. (الله تعاليٰ) اهڙن ماڻهن جي لاءِ نهايت رسوا ڪندڙ عذاب تيار ڪيو آهي.

هن آيت سڳوري مان چٽي طرح معلوم ٿي رهيو آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب جي ايذاء رساني کي بہ پنهنجي لاءِ ايذاء رساني تصور ڪندي، فرمائي رهيو آهي تہ منهنجي محبوب کي ايذائيندڙ ڄڻ مون الله ﷻ کي ايذائيندڙ آهي. ان ڪري اهڙن ماڻهن تي هِنَ دنيا ۾ توڙي هُنَ دنيا (آخرت) ۾ خدا جي لعنت جي وسڪار هوندي ۽ اهڙن ماڻهن لاءِ سندس رسوا ۽ ذليل ڪندڙ عذاب هر وقت تيار آهي. اهڙي طرح سورت توبه جي آيت ٦١ ۾ ارشاد خداوندي آهي:

﴿وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ ۭ قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۭ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ۝﴾

تَرْجَمَہ: هنن ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي پيغمبر کي ايذاء رسائين ٿا ۽ چون ٿا تہ هو ڪنن جوڪچو آهي. اي پيغمبر! توهان هنن کي ٻڌايو تہ اهي ڪن اوهان جي ڀلائي لاءِ آهن. هو (پيغمبر) الله تي ايمان رکي ٿو ۽ مسلمانن جي ڳالهہ تي يقين ڪري ٿو ۽ ايمان وارن لاءِ سراپا رحمت آهي. جيڪي بہ ماڻهو الله جي رسول ﷺ جن کي ايذاء پهچائن ٿا، انهن لاءِ درد ناڪ عذاب آهي.

﴿يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ۝﴾ (التوبہ ٩ : ٦٢)

تَرْجَمَہ: هو رڳو اوهان کي خوش ڪرڻ لاءِ اوهان جي آڏو الله جو قسم کڻن ٿا. حالانڪ جيڪڏهن واقعي اهي ايماندار هجن ها تہ پوءِ

الله ۽ ان جو رسول (ﷺ) وڌيڪ حقدار آهي تہ ان کي راضي رکن.

﴿اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّهٗ مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا فِيْهَا ۭ ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ۝﴾ (التوبہ ٩ : ٦٣)

تَرْجَمَہ : ڇا ڪين اها خبر ناهي تہ جيڪو بہ الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪندو، انهن جي لاءِ دوزخ جي باهہ آهي، جنهن ۾ هو هميشہ هميشہ رهندا. اها هڪ زبردست رسوائي ۽ ذلالت آهي.

معلوم هئڻ گهرجي تہ جنهن جي بہ دل ۾ حضور ﷺ جن جي محبت، عزت ۽ احترام موجود هوندو، اهو ڪڏهن بہ حضور ﷺ جن جي مخالفت يا ايذاء رساني جو سوچي بہ نٿو سگهي. قاضي ابوبڪر ابن عربي جو چوڻ آهي تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي تعظيم ۽ ادب سندن وصال بعد بہ اهڙي طرح واجب آهي، جهڙي طرح سندن حيات مبارڪ ۾ هئي. ان ڪري علماء حضرات جو چوڻ آهي تہ سندس قبر شريف ۽ روضي اطهر جي آڏو يا مسجد نبوي اندر زور زور سان ڳالهائڻ بہ سندن بي ادبي ۽ گستاخي واري عمل ۾ شامل آهي. اهڙي طرح جنهن هنڌ تي بہ احاديث نبوي پڙهي يا بيان ڪئي وڃي يا ذڪر رسول الله ﷺ جن جو ٿي رهيو هجي يا درود ۽ سلام پڙهجي رهيا هجن، اتي بہ زور زور سان ڳالهائڻ بي ادبي ۽ گستاخي شمار ٿي ويندي. ياد رکڻ گهرجي تہ "حبط اعمال" (اعمال جو ڇٽ ٿي وڃڻ) جو ذڪر قرآن ۾ اڪثرو بيشتر ڪافرن جي لاءِ آيو آهي، پر خداوند ڪريم کي پنهنجي پياري حبيب ﷺ جي تعظيم ۾ ذرا پر ڪوتاهي بہ قبول نہ آهي ۽ ان جي سزا "حبط اعمال" يعني عمر ڀرجي ڪمائي جو ڇٽ ٿي وڃڻ آهي. علامہ اقبال جو ادب ملاحظہ ٿئي:

ادب گاہیست زیرِ آسماں از عرش نازک تر
نفس گم کردہ می آید جنیدو بایزید ایں جا

تَرْجَمَہ : آسمان جي هيٺان (زمين تي) اهڙي ادب جي جاء آهي، جيڪا عرش کان بہ وڌيڪ نازڪ آهي. هن هنڌ تي تہ حضرت جنيد

۽ حضرت بايزيد بسطامي رحمة الله عليه جهڙا وڏا اهل الله بہ ساهہ مٹ ۾ ڪري اچن ٿا.

فرشتن کي اجازت ناهہ جو گنبذ مٿان گذرن
خدا جي ۽ هي محبوب خدا جي رهگذر آهي

❁....❁....❁

محبت ادب آشنا ٿي وڃي،
تہ چڻ عشق جي انتها ٿي وڃي.
حرم جي زمين آ سنڀالي هلو،
مٿان ڪا ادب ۾ خطا ٿي وڃي.
زبان زور سان ڦڙڪ ٻاهر ڪئي،
تہ ناراض شايد خدا ٿي وڃي.

❁....❁....❁

ادب ۾ جيڪڏهن هڪ حرف اڳتي پوئتي ٿي ويو،
جهنم زندگي ٿي ويندي چڻ ساهن پساهن ۾.
عبادت ۾ نہ ايندي جيسين خوشبو تنهنجي الفت جي،
تہ سڀ سجدا ڳڻيا ويندا گناهن ئي گناهن ۾.

(مشتاق سچاروي)

## حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ۽ ادب رسول الله ﷺ

سهل بن سعد ساعدي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ دفعو حضور ﷺ بني عمرو بن عوف جي قبيلي ۾ صلح ڪرائڻ لاءِ ويا. جڏهن نماز جو وقت آيو تہ مؤذن آذان ڏني. پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ان وقت عدم موجودگي ۾ اقامت بعد حضرت ابو بڪر رضي الله عنه امامت ڪرائي. نماز دوران ايتري ۾ حضور ﷺ جن تشريف فرما ٿيا ۽ صف ۾ شامل ٿي ويا. جڏهن نمازين کين صف ۾ بيٺل ڏٺو تہ هنن هٿ هٿ تي هڻي دستڪ ڏني، حضرت ابوبڪر

رضي الله عنه پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي صف ۾ موجودگي محسوس ڪندي، پٺتي، هٽڻ لڳو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن اتي رهڻ جو اشارو ڪيو ۽ ڪين پنهنجي امامت واري جڳهہ تي قائم رهڻ جو چيو. جنهن تي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ٻئي هٿ مٿي ڪٽي الله جو شڪرانو ادا ڪيو تہ حضور ﷺ جن پاران ڪين اهو شرف عطا ٿيو آهي، پر ان هوندي بہ هو پٺتي هٽي اچي صف ۾ شامل ٿيو ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن اڳتي وڌي امامت ڪرائي. جڏهن نماز ڪان فارغ ٿيا تہ حضور ﷺ جن حضرت ابو بڪر رضي الله عنه ڪان پڇيو تہ جڏهن مون پاڻ تون کي امامت ڪرائڻ لاءِ اشارو ڪيو تہ پوءِ ڪهڙي سبب تو امامت نہ ڪرائي ۽ پٺتي هٽي آئين؟ جنهن تي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه وراڻيو:

مَا كَانَ لِابْنِ اَبِي قُحَافَةَ اَنْ يُصَلِّيَ بَيْنَ يَدَىْ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ[1]

تَرْجَمَۃُ: يا رسول الله ﷺ ابو قحافہ جو پٽ انهي لائق نہ آهي تہ رسول الله ﷺ جي اڳيان بيهي نماز پڙهائي.

گويا هي عملي مظاهرو هيو آيت ڪريمہ: لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللهِ وَرَسُوْلِهٖ جو. سبحان الله وبحمده

ڪنز العمال ۾ روايت آهي تہ هڪ ڀيري ڪو اعرابي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه وٽ آيو:

فَقَالَ اَنْتَ خَلِيْفَةُ رَسُوْلِ اللهِ ﷺ؟ قَالَ لَا، قَالَ فَمَا اَنْتَ؟ قَالَ الْخَالِفَةُ بَعْدَهٗ

تَرْجَمَۃُ: چيائين تہ اوهان رسول الله ﷺ جن جا خليفہ آهيو؟ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه وراڻيو تہ نہ! تنهن تي اعرابي پڇيو تہ پوءِ اوهان ڇا آهيو؟ جنهن تي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جن چيو تہ ”خليفہ“

---

(۱) صحيح بخاري ڪتاب الاذان حديث: ٦۴۳ ، ايضًا ڪتاب الجمعة حديث: ۱۱۴۲-۱۱۵۸- صحيح مسلم ڪتاب الصلاة حديث: ٦۳۹- سنن نسائي ڪتاب الجمعة حديث: ٧٧٦- ابودائود ڪتاب الصلاة حديث: ۵۰۵- مو طا مالڪ ڪتاب النداءِ للصلاة حديث: ۳۵۳

(جاءِ نشين) نہ پر ”خالفة“ (بعد ۾ ايندڙ نڪمو انسان) آهيان.

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جن جي من ۾ حضور ﷺ جن جي ادب ۽ احترام جو مقام ڏسو، جو هو پاڻ کي سندن خليفو (جاءِ نشين) سڏائڻ بدران سندن پويان ايندڙ عام انسان (الخالفه) سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. هڪ دفعو حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي والد ابو قحافه ڪفر جي حالت ۾ حضور ﷺ جن جي شان ۾ ناشائسته جملو چيو، جنهن تي حضرت ابو بڪر رضي الله عنه پنهنجي والد کي ٿڦڙ هڻي ڪڍي. حضور ﷺ جن اها ڳالهہ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه کان معلوم ڪئي، تہ هن ٻڌايو تہ يا رسول الله ﷺ منهنجي هٿ ۾ تلوار ڪانہ هئي نہ تہ اهڙي گستاخيءَ تي آءٌ سندس گردن اڏاري ڇڏيان ها. هتان معلوم ٿيو تہ حضور ﷺ جن جي نہ رڳو دل ۾ عزت ۽ احترام ڪرڻي آهي، پر گستاخ رسول ﷺ جي گردن زني ڪرڻ ڪان بہ نہ ڪيٻائڻو آهي. الله تعاليٰ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه جي ادب ۽ عشق رسول ﷺ جي هن عمل کي پسند فرمائيندي، سوره مجادله جي هيٺين آيت نازل فرمائي:

﴿لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ۭ اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ۭ وَيُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ۭ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ۭ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝﴾

(المجادلة٥٨ : ٥٦)

تَرْجَمَہ: جيڪي ماڻهو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻن ٿا، اهي اهڙن ماڻهن سان دوستي نہ رکندا، جيڪي الله ۽ ان جي رسول ﷺ جا مخالف هجن. ڪٿي اهي ماڻهو انهن جا پيءُ، پٽ، ڀاءُ يا سندس قبيلي جا ماڻهو ڇو نہ هجن. هي اهي ماڻهو آهن، جن جي دلين ۾ الله تعاليٰ ايمان لکي ڇڏيو آهي ۽ انهن جي پنهنجي روح

(فيضان غيبي) سان مدد ڪرڻ فرمائي آهي. هنن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو، جن جي هيٺان هميشه نهرون وهنديون آهن. الله هنن کان خوش آهي ۽ هو الله کان خوش آهن. هي خدائي لشڪر آهي. خبردار! الله جو لشڪر ئي ڪاميابي ماڻ وارو آهي.

گويا رسول الله ﷺ جن جي امت جا مؤمن ماڻهو لشڪر خداوندي آهن، جيڪي سندس پياري رسول ﷺ جن جي حرمت، ناموس، عزت ۽ عظمت جي حفاظت ڪرڻ لاءِ سِر تِري تي رکي هميشه هميشه ميدان عمل ۾ موجود آهن، جزاهم الله احسن الجزاء.

حضور ﷺ جن جي وصال کان بعد جڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه آغاز خلافت ۾ منبر نبوي تي اچي خطبو ڏيڻ لڳو تہ ان منبر جي هيٺئين ڏاڪي تي ويهي خطبو ڏنو ۽ ادب رسول الله ﷺ جن جي ڪري ان جگهہ تي ويهڻ نہ فرمايو، جتي رسول الله ﷺ جن پاڻ تشريف فرما تي خطبو ڏيڻ فرمائيندا هيا. اهڙي طرح جڏهن حضرت عمر رضي الله عنه جو وارو آيو، تہ هو بہ نہ رڳو حضور ﷺ جن جي ويهڻ واري جگه کان هيٺ ويٺو، پر حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي ويهڻ واري جاءِ کان بہ هيٺئين ڏاڪي تي ويهي خطبو ڏنائين.

از خدا خواهيم توفيق ادب
بے ادب محروم ماند از فضلِ رب

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ هو اسان کي ادب جي توفيق عطا فرمائي، ڇو تہ بي ادب رب جي فضل کان بي نصيب هوندو آهي.

غار ثور جو واقعو تہ عالم آشڪار آهي. حضور ﷺ جن مڪي مڪرمه کان مدينه منوره لاءِ هجرت ڪري رهيا آهن. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه شريڪ سفر آهي. پهرين منزل غار ثور ۾ ڪرڻ فرمائين ٿا. غار ۾ اندر پهچڻ کان پوءِ حضرت ابو بڪر رضي الله عنه چادر ڦاڙي غار جا سوراخ بند ڪيا. مگر هڪ سوراخ پوءِ بہ رهجي ويو. جنهن کي پنهنجي پير سان بند رکيائون. پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس زانو مبارڪ تي سر مبارڪ

رکي آرامي تي ويا. ايتري ۾ هڪ زهريلي نانگ انهي سوراخ مان نڪري
غار ۾ اندر داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه
جن جو پير مبارڪ هيو ۽ نانگ پير کي ڏنگڻ لڳو، مگر حضرت ابوبڪر
رضي الله عنه نہ پير اتان هٽايو ۽ نہ وري پنهنجي جاءِ تان چريو تہ متان پاڻ ڪريم
ﷺ جن جي آرام ۾ خلل نہ پئجي وڃي. انهي ادب واري محبت ۾ پير
سوراخ تي مضبوطي سان رکيو رهيو، ڏنگ جي زهر ۽ تڪليف سبب
سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي ڪِري پيا. جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن
جاڳي پيا ۽ ڪائنس تڪليف جو پڇيو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه ساري ماجرا
بيان ڪري ٻڌائي ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن سندس پير تي پنهنجو لعاب
لڳايو تہ هو نوبنو ٿي ويو. ڏسو حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي ادب واري
محبت کي، جنهن نبي ڪريم ﷺ جن جي آرام ۾ خلل نہ اچڻ لاءِ پنڌ پهڻ
تي، نانگ جا ڏنگ سهندو رهيو، مگر ڪابہ چرپر نہ ڪئي.

## حضرت عمر رضي الله عنه ۽ ادب رسول الله ﷺ

امير المؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجي دور خلافت ۾ پاڪ
صاف ڪپڙا پائي، مسجد نبوي ڏانهن نماز ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هيو تہ
رستي ۾ حضرت عباس رضي الله عنه جن جي گهر وٽان گذرڻ ٿيو. اتفاق سان ان
وقت حضرت عباس رضي الله عنه ڪڪڙ ڪهي رهيو هو ۽ ان جو رت نيساري مان
هيٺ ڪِريو، جنهن جي خون جا قطرا حضرت عمر رضي الله عنه جي ڪپڙن تي اچي
ڪريا. حضرت عمر رضي الله عنه گهر واپس ويو، پيا ڪپڙا بدلي آيو ۽ مفاد عام ۾
هن نيساري جي پٽڻ جو حڪم ڏنائين، جنهن تي عمل ڪيو ويو. نماز بعد
حضرت عباس رضي الله عنه حضرت عمر رضي الله عنه وٽ آيو ۽ ڪيس ٻڌايائين تہ اي امير
المؤمنين! خدا جو قسم آهي اهو نيسارو، جنهن کي تو اچ پٽرائي ڇڏيو
آهي، اهو رسول الله ﷺ جن پاڻ پنهنجن هٿن مبارڪ سان انهي جاءِ تي
لڳايو هو. حضرت عمر رضي الله عنه اهو ٻڌي نهايت غمگين ۽ پريشان ٿي ويو ۽
حضرت عباس رضي الله عنه کي چيائين تہ مان تون کي خدا جو قسم ٿو ڏيان تون

هيئنر جو هيئنر هلي پنهنجا پير منهنجن ڪلهن تي رکي، انهي نيساري ڪي حضور ﷺ جن جنهن هنڌ تي لڳايو هيو. بلڪل انهي هنڌ تي اهڙي طرح لڳاءِ. پوءِ حضرت عباس رضي الله عنه امير المؤمنين رضي الله عنه جي درخواست تي ساڻس گڏ ويو ۽ سندس ڪلهن تي پير رکي، وري نيساري کي ساڳي هنڌ تي ساڳي طرح ڄمائي رکيو.

هڪ دفعي امير المؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه پنهنجي خلافت جي ذميواريءَ جي ادائگي ۾ مصروف هيو ۽ پنهنجي ملازم کي چيائين تہ آئون ضروري ڪم ۾ مشغول آهيان، ان ڪري ڪنهن ملاقاتي کي اندر اچڻ نہ ڏجانءِ. انهي دوران امام حسين رضي الله عنه ملڻ لاءِ اچي ويو. ملازم کيس ٻڌايو تہ هن وقت امير المؤمنين نهايت مصروف آهي ۽ ملاقات کان روڪيائين. اهو ٻڌي حضرت امام حسين رضي الله عنه واپس وريو. حضرت عمر رضي الله عنه کي محسوس ٿيو تہ ڪو شخص آيو آهي ۽ هو واپس پيو وڃي. پاڻ ٻاهر نڪري آيو ۽ ملازم کان پڇيائين تہ ڪير آيو هو. ملازم ٻڌايو تہ امام حسين رضي الله عنه هيو، مون کيس ٻڌايو تہ اميرالمؤمنين مصروف آهي، ان ڪري ملاقات ڪانہ ٿي سگهندي. حضرت عمر رضي الله عنه اهو ٻڌندي پريشان ٿي ويو ۽ اگهاڙي پيرين ۽ اگهاڙي مٿي امام حسين رضي الله عنه جن جي پٺيان ڊوڙندي کيس رستي تي وڃي مليو ۽ کيس واپس وٺي آيو. هي هيو حضرت عمر رضي الله عنه جو حضور ﷺ ۽ سندس آل پاڪ سان محبت، ادب ۽ احترام جو رشتو، جيڪو هر مسلمان کي رکڻ لازمي آهي. اصحابين ۽ تابعين سڀني پنهنجن علماء ۽ مشائخ سان ادب جي هن رستي کي هميشه قائم رکيو آهي. صحيح بخاري ۽ احاديث جي ٻين ڪتابن ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان منقول آهي تہ جڏهن بہ مان ڪنهن عالم اصحابي کان ڪا حديث معلوم ڪرڻ گهرندو هئس تہ سندس گهر تي پهچي دروازي کٽڪائڻ يا کيس سڏ ڪرڻ کان پرهيز ڪندو هئس ۽ دروازي جي ٻاهران ويهي رهندو هئس. جڏهن هو پاڻ تشريف فرمائيندو هيو تڏهن ڪانئس اها حديث معلوم ڪندو هيس. هو مون کي ٻاهر انتظار ۾

وينل ڏسي چوندو هو تہ اي رسول الله ﷺ جن جا سوٹ! توهان دروازو کڙڪائي مون کي اطلاع ڇو نہ ڪيو؟ ابن عباس ؓ ڪيس چوندو هيو: اَلْعُلَمَاءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَاءِ[1] (علماء انبياء جا وارث آهن.) الله تعاليٰ پنهنجي نبي ﷺ جن جي شان مبارڪ ۾ هدايت ڪئي آهي تہ سندن ٻاهر اچڻ جو انتظار ڪريو. ان ڪري اوهان جو دروازو ڪنڪائڻ بہ گويا ان آيت جي روشني ۾ بي ادبي آهي. حضرت ابو عبيده ؓ جيڪو نهايت وڏو جيد اصحابي آهي، ان جو قول آهي تہ مون ڪڏهن بہ ڪنهن عالم جي در تي وڃي دستڪ نہ ڏني آهي، پر انتظار ڪندو رهندو آهيان. جيستائين هو پاڻ ٻاهر نڪري اچي. حضور ﷺ جن جڏهن بہ گفتگو ۾ مشغول هوندا هيا تہ ڪنهن بہ اصحابي سڳوري کي اها جرئت نہ هوندي هئي، جو وچ ۾ ڪو جملو ڳالهائي يا جيستائين پاڻ ﷺ جن هنن جي طرف متوجه نہ ٿين، تيستائين ڪين ادب جي ڪري مخاطب ٿيڻ جي مجال نہ ٿيندي هئي ۽ اها روش اسلامي معاشري ۾ پنهنجن عالمن، مشائخ ۽ بزرگن سان گفتگو ڪرڻ وقت اسان کي اپنائڻ گهرجي.

## حضرت عثمان ذوالنورين ؓ ۽ ادب رسول الله ﷺ:

حديبيه جي مقام تي جڏهن حضور ﷺ جن پنهنجن اصحابن سڳورن سان رهي، حضرت عثمان ؓ کي قريش مڪي ڏانهن معاملو طي ڪرڻ لاءِ موڪليو تہ مڪي جي ڪافرن ڪين طواف جي اجازت ڏني تہ پلي هو ڪعبة الله جو طواف ڪري، مگر پاڻ طواف کان انڪار ڪيائين ۽ چيائين تہ:

مَا كُنْتُ لِاَفْعَلَ حَتّٰى يَطُوْفَ بِهٖ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ[2]

---

(١) صحيح بخاري ڪتاب العلم، باب العلم- سنن الترمذي ڪتاب العلم حديث:٢٦٠٦- سنن ابي دائود ڪتاب العلم حديث:٣١٥٧- سنن ابن ماجة المقدمة حديث٢١٩-مسند احمد حديث:٢٠٧٢٣- سنن الدارمي ڪتاب المقدمة حديث:٢٤٦

(٢) مسند احمد حديث: ١٨١٥٢- تفسير ابن ڪثير ص١٩٧،١٨٧ج٤- تفسير ابن جرير طبري ص٨٣ج٢٦- الثقات لابن حبان ص٢٩٩ج١

تَرْجَمَہ: آءٌ حضور ﷺ جن جي طواف ڪرڻ کان پهريائين طواف نہ ڪندس.

چو تہ قرآن ڪريم جو حڪم آهي: ﴿يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُقَدِّمُوا بَيْنَ يَدَيِ اللَّهِ وَرَسُولِهِ﴾ هي آهي ادب رسول الله ﷺ جن جو حضرت عثمان رضي الله عنه طواف. جيڪا هڪ عبادت آهي اهابہ پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اڳ ادب جي خلاف سمجهي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. حضرت عثمان رضي الله عنه جو قول آهي تہ:

وَلَا مَسِسْتُ ذَكَرِيْ بِيَمِيْنِيْ مُنْذُ بَايَعْتُ بِهَا رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

تَرْجَمَہ: مون پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي سڄو هٿ رکي بيعت ڪرڻ بعد ان (هٿ) کي (ادب جي لحاظ سان) سڄي عمر ڪنهن اوگهڙ واري جڳهہ تي نہ لڳايو آهي. (١)

## حضرت علي رضي الله عنه ۽ ادب رسول الله ﷺ :

جنگ خيبر کان واپسي تي صهبا مقام تي منزل ڪرڻ وقت حضور ﷺ جن عصر جي نماز ادا ڪئي. حضرت علي رضي الله عنه بعد ۾ اتي پهتو. هن عصر جي نماز اڃا ڪانہ پڙهي هئي. ايتري ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت علي رضي الله عنه جن جي زانو مبارڪ تي سر مبارڪ رکي آرام فرما ٿيا ۽ ڪين ننڊ اچي وئي. حضرت علي رضي الله عنه ڏسندو رهيو تہ عصر جو وقت قضا ٿي رهيو آهي ۽ آخر سج غروب ٿي ويو. مگر حضرت علي رضي الله عنه پنهنجي زانو مبارڪ کي ادب ۽ احترام سبب حرڪت بہ ڏني تہ متان حضور ﷺ جن جي آرام ۾ خلل اچي وڃي، حالانڪ عصر جي نماز اها نماز آهي، جنهن جي لاءِ قرآن شريف ۾ ارشاد آهي:

---

(١) ابن ماجه ڪتاب الطهارة وسننها حديث: ٣٠٦- اهڙو ئي قول حضرت عمران بن حصين رضي الله عنه جو بہ آهي. ڏسو: مسند احمد حديث: ١٩٠٩٣

﴿حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى﴾ (البقره ۲ : ۲۳۸)

تَرْجَمَہ : نماز جي حفاظت ڪريو. خاص طرح سان نماز وسطيٰ يعني نماز عصر جي.

هيءَ اها نماز آهي، جڏهن جنگ خندق دوران حضور ﷺ جن جي نماز عصر قضا ٿي تہ پاڻ ﷺ جن ڪافرن لاءِ بد دعا ڪرڻ فرمائي:

حَبَسُوْنَا عَنْ صَلَاةِ الْوُسْطٰى صَلَاةِ الْعَصْرِ مَلَأَ اللهُ بُيُوْتَهُمْ وَقُبُوْرَهُمْ نَارًا [۱]

تَرْجَمَہ : يعني ڪافرن اسان کي نماز وسطيٰ، نماز عصر کان روڪيو آهي الله تعاليٰ سندس گهرن ۽ قبرن کي باهہ سان ڀري ڇڏي.

جڏهن حضور ﷺ جن آرام کان جاڳيا تہ حضرت علي رضي الله عنه کين عصر جي نماز قضا ٿي وڃڻ جو احوال ڪيو. جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن الله سبحانه وتعاليٰ جي بارگاه ۾ دعا گهري تہ مولا ڪريم! جڏهن علي رضي الله عنه تنهنجي اطاعت ۾ هيو تہ پوءِ تون پيهر آفتاب کي مٿي آڻ. ان بعد لٿل سج وري ٽيپهري تي اچي ويو ۽ حضرت علي رضي الله عنه نهايت اطيمنان سان نماز ادا ڪئي. ان بعد وري سج غروب ٿي ويو. [۲]

هي آهي حضرت علي رضي الله عنه جو ادب ۽ اطاعت رسول الله ﷺ. وري اهو آهي ان جو نيڪ ثمر، جيڪو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جن پاران کيس مليو. جيڪڏهن حضرت علي رضي الله عنه جي ادب ۽ اطاعت واري اها ادا

(۱) سنن ابي دائود حديث: ۳۴۹- صحيح بخاري حديث: ۲۷۱۴- سنن ابن ماجة ڪتاب الصلاة حديث: ۶۷۸- مسند احمد حديث: ۱۱۵۸، ۱۲۳۲- سنن دارمي ڪتاب الصلاة حديث: ۱۲۰۴- الفاظ ابوداٶد ۽ مسند احمد جي هڪ روايت جا آهن.

(۲) حديث جي سَنَدَ صحيح ۽ ويساهہ جوڳي آهي: هيثمي مجمع الزوائد ص۲۹۶ج۸- فتح الباري ص۲۲۰-۲۲۱ج۶- لسان الميزان ۴۷ج۱- فيض القدير ص۴۴۰ج۵ تفسير القرطبي ص ۱۹۷ ج ۱۵ - ڪشف الخفاء حديث: ۶۶۰- ازالة الخفاء اردو ص۴۹۰،۴۸۵ج۴ ان موضوع تي امام سيوطي اللبس في حديث رد الشمس ۽ سندس شاگرد محمد يوسف الشامي الصالحي مزيل اللبس پورو رسالو لکيو آهي.

مؤمنن جي من ۾ جاءِ گزين ٿي وڃي ته سندن محبت جا غروب ٿيل سج وري ايري سگهن ٿا.

روايت آهي ته ڪنهن حضرت علي ﷛ کان پڇيو ته ڇا حدث يا ناپاڪي جي صورت ۾ قرآن ڪريم کي هٿ لائي سگهجي ٿو؟ ان تي حضرت علي ﷛ جواب ڏنو ته جيڪڏهن سو اٺن جي قطار هجي ۽ آخري اٺ جي ڪجاوي ۾ قرآن ڪريم رکيل هجي ته آءٌ بغير وضو جي پهرين اٺ جي مهار کي پڪڙڻ کي بي ادبي سمجهان ٿو. هي آهي ڪتاب الله جو ادب پر صاحب ڪتاب جي ادب ۾ اصحاب ڪرام ڪان ڪير ٿو ڏيک هوندو.

## حضرت ابو هريره ﷛ جو ادب رسول الله ﷺ:

صحيح بخاري ۾ ابو رافع ﷛ کان روايت آهي ته حضرت ابوهريره ﷛ فرمايو ته هڪ دفعي مون رسول الله ﷺ جن کي مدينه منوره جي هڪ گلي کان ايندي ڏٺو. مان سندن سامهون اچڻ بدران ٻئي گلي ۾ هليو ويس، ڇو ته مان ناپاڪي جي صورت ۾ هوس. پوءِ غسل ڪري خدمت اقدس ۾ حاضري ڀريم. جنهن تي نبي ﷺ جن پڇيو ته ابوهريره ﷛ تون ڪٿي هئين؟ جنهن تي مون ٻڌايو ته مون کي غسل جي ضرورت هئي، ان ڪري سامهون اچڻ کان پرهيز ڪيم. جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته

سُبْحَانَ اللهِ اِنَّ الْمُسْلِمَ لَا يَنْجُسُ (1)

تَرْجَمَهُ: الله پاڪ آهي. بيشڪ مؤمن نجس نه ٿيندو آهي.

پر ان هوندي به عزت ۽ عظمت رسول الله ﷺ جو تقاضا اهو هيو ته هو ناپاڪي جي حالت ۾ حضور ﷺ جن سامهون به نه اچي. اهو هيو ادب رسول الله ﷺ جنهن کي سندس جان نثار صحابي پنهنجي جان کان به وڌيڪ سمجهندا هيا. جزاهم الله احسن الجزاءِ.

---

(1) صحيح بخاري ڪتاب الغسل حديث: ٢٧٤-

## حضرت براء بن عازب رضي الله عنه جو ادب:

ابو دائود ۾ عبيد بن فيروز کان روايت آهي تہ براء بن عازب رضي الله عنه کان مون پڇيو تہ ڪهڙن جانورن جي قرباني ڪرڻ جائز نہ آهي؟ هن ٻڌايو تہ حضور ﷺ جن اسان جي درميان ٻڌايو تہ چار قسم جي جانورن جي قرباني جائز نہ آهي. هڪ اهو جانور جنهن جي اک نڪتل هجي، ٻيو اهو جيڪو سخت بيمار هجي، ٽيون اهو جنهن جو لنگ (منڊڪائڻ) ظاهر هجي، چوٿون اهو جيڪو نهايت هيڻو ۽ ڏٻرو هجي. نبي ﷺ جن پنهنجن چئن آڱرين تي اشارو ڪري ڳڻي ٻڌايو. پر منهنجون آڱريون سندن آڱرين کان ننڍيون آهن، ان ڪري پنهنجين آڱرين سان اشارو ڪري نہ ٿو سگهان. يعني آئون بہ پنهنجين آڱرين سان اهڙي طرح ڳڻي اشارو ڪريان، جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪرڻ فرمايو تہ پوءِ اها برابري جي دعويٰ ٿي پوندي، جيڪا منهنجي آڱرين ۾ سگهہ ناهي جو ڪري سگهن.(١)

هڪ دفعو عبدالمالڪ بن مروان حضرت قباث بن اشيم رضي الله عنه کان پڇيو تہ انت اڪبر او رسول الله ﷺ يعني اوهان وڏا (اڪبر) آهيو يا حضور ﷺ جن وڏا آهن؟ جنهن تي هن وراڻيو تہ

رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اَكْبَرُ مِنِّيْ وَاَنَا اَسَنُّ مِنْهُ(٢)

**تَرْجَمَۃ:** يعني حضور اڪرم ﷺ جن مون کان اڪبر(وڏا، بزرگي وارا) آهن ۽ آئون ڪائنئن عمر ۾ وڏو آهيان.

حضرت عثمان رضي الله عنه بہ حضرت قباث رضي الله عنه کان ساڳيو سوال پڇيو. جنهن جو بہ هن اهو ساڳيو جواب ڏنو تہ حضور ﷺ جن مون کان اڪبر(بزرگ ۽ وڏا) آهن، پر منهنجي ولادت ڪائنئن اڳ ٿي آهي.(٣)

---

(١) سنن ابي دائود ڪتاب الاضاحي حديث: ٢٤٢٠

(٢) المستدرک علي الصحيحين حديث: ٦٦٢٣- تفسير القرطبي ص١٩٥ ج٢٠

(٣) مصنف ابن ابي شيبه حديث:١١٥٣- فضائل الصحابة لابن حنبل حديث: ١٨٣١. پر

حضور ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس ﷜ کان بہ اھڙو ئي سوال ڪيو ويو تہ ھن بہ چيو پاڻ ﷺ جن مون کان اڪبر آھن، ولادت منھنجي اڳ ٿيل آھي. خود ابوبڪر ﷜ کان جڏھن حضور ﷺ جن پڇڻ فرمايو تہ آئون وڏو آھيان يا اوھان وڏا آھيو؟ جنھن تي حضرت ابوبڪر ﷜ عرض ڪيو تہ:

**اَنْتَ اَكْرَمُ يَا رَسُوْلَ اللهِ مِنِّيْ وَاَكْبَرُ وَاَنَا اَسَنُّ مِنْكَ** (١)

**تَرْجَمَهْ:** اي الله جا رسول! اوھان مون کان اڪبر ۽ اڪرم آھيو، مان رڳو عمر ۾ توھان کان وڏيڪ آھيان.

ڏسو تہ صحابہ ڪرام لفظ "اڪبر" جو اھتمام ڪندي چوندا ھيا تہ اوھان ئي اڪبر (وڏا، بزرگي وارا) آھيو. اسان رڳو عمر ۾ اوھان کان وڏا آھيون.

## حضرت اسلع بن شريڪ ﷜ جو ادب :

المواھب اللدنية جي شرح ۾ امام زرقاني اھا حديث شريف نقل ڪئي آھي تہ حضرت اسلع بن شريڪ ﷜ فرمائين ٿا تہ حضور ﷺ جن جي ڏاچي تي ھميشہ آئون ڪجاوو رکندو ھوس. ھڪ رات مون کي غسل ڪرڻ جي ضرورت ھئي ۽ حضور ﷺ جن سفر تي ھلڻ جو ارادو ڪيو. ان وقت مون سوچيو تہ جيڪڏھن ٿڌي پاڻي سان غسل ڪندس تہ بيمار ٿي

---

انھن ڪتابن ۾ حضرت عثمان ﷜ جو ذڪر نہ آھي.

(١) حافظ ابن عبد البر چوي ٿو تہ ھيءَ حديث مرسل يعني تابعي جو قول آھي ۽ آءُ ان کي وھم سمجھان ٿو يعني رسول الله ﷺ جن اھا ڳالھہ ابوبڪر صديق ﷜ کي نہ فرمائي آھي. حافظ ابن حجر عسقلاني ؒ سندس قول نقل ڪري فرمائي ٿو تہ اھا ئي ڳالھہ صحيح آھي، جو رسول الله ﷺ جن اھا ڳالھہ پنھنجي چاچي عباس ﷜ کي فرمائي، نہ ابوبڪر صديق ﷜ کي- ڇاڪاڻ تہ صحيح مسلم جي حديث مان ثابت آھي تہ حضرت ابوبڪر ﷜، رسول الله ﷺ جن کان بہ سال ۽ ڪجھہ مھينا ننڍو آھي. (فتح الباري ص٢٥١ج٧)

پوندس يا فوت ٿي ويندس ۽ حضور ﷺ جن جي ڪجاوي کي ناپاڪي جي حالت ۾ هٿ لائڻ بہ بي ادبي آهي، ان ڪري مجبورن مون هڪ انصاري شخص کي چيو تہ هو ڪجاوو ٻڌي تيار ڪري. پوءِ مان گرم پاڻي ڪري غسل ڪري قافلي ۾ پهچي ويس. حضور ﷺ جن مون کان پڇيو تہ اسلع جو پلا اڄ تنهنجو ڪجاوو بدليل پيو لڳي؟ جنهن تي مون عرض ڪيو تہ حضور ﷺ مون اڄ ڪجاوو نہ ٻڌو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن پڇڻ فرمايو تہ ڇو پلا؟ جنهن تي مون عرض ڪيو تہ مون کي غسل جي ضرورت هئي. پاڻي تمام ٿڌو هيو. ان سان غسل ڪرڻ مون کي بيمار ٿيڻ يا فوت ٿيڻ جو ڊپ هيو. ان ڪري ڪجاوي کي هٿ لائڻ بي ادبي سمجهي، ٻئي کي ڪجاوي ٻڌڻ جو عرض ڪيم. جنهن بعد اها آيت سڳوري: ﴿يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ﴾ (المائده آيت ٦) نازل ٿي، جنهن ۾ تيمم ڪرڻ جي اجازت ملي. [1]

سبحان الله! ادب رسول الله ﷺ جن جو ڪيترو اهتمام آهي، جو ناپاڪي جي صورت ۾ ڪاٺي جي ان ڪجاوي کي بہ هٿ لائڻ بي ادبي تصور ٿئي ٿي. جنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ جن سواري ڪرڻ وارا آهن.

حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه جن جي مجلس ۾ جڏهن بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ذڪر ٿيندو هيو تہ چهري مبارڪ جو رنگ لال ٿي ويندو هيو. ڪين ڪڏهن بہ بنا وضو جي حديث مبارڪ بيان ڪندي نہ ٻڌو ويو. جڏهن بہ حديث شريف بيان ڪندا هيا تہ ان کان اڳ پاڪ صاف ٿي وضو ڪري پوءِ حديث شريف بيان ڪندا هيا.

## امام مالڪ رحمة الله عليه جو ادب ڪرڻ :

حضرت امام مالڪ بن انس رضي الله عنه جي مجلس ۾ جڏهن بہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ذڪر ٿيندو هيو تہ سندس چهري جو رنگ تبديل ٿي

(۱) الاحاديث المختارة حديث: ۴۱۳۰- تفسير ابن ڪثير ص۵۰۷ج۱- مجمع الزوائد ص ۲۶۲ج۱ بحواله الطبراني الڪبير

ويندو هيو ۽ تعظيم وچان ايترو تہ جهڪي ۽ نوڙي ويندا هيا، جو سندس هم مجلس حيران ٿي ويندا هيا. هڪ دفعو ڪائنس جڏهن ان جو سبب پڇيو ويو تہ پاڻ چيائون:

لَوْ رَئَيْتُمْ مَا رَئَيْتُ لَمَا اَنْكَرْتُمْ عَلٰى مَا تَرَوْنَ

يعني پاڻ ڪريم ﷺ جن جي شان جي عظمت ۽ بلندي جيڪا مون کي معلوم آهي جيڪڏهن اوهان کي ان جي سڌ هجي تہ پوءِ اوهان منهنجي هن حال تي اعتراض ۽ حيرانگي نہ ڪريو. حضرت مصعب بن عبد الله کان روايت آهي تہ حضرت امام مالڪ بن انس رضي الله عنه جڏهن بہ حديث شريف بيان ڪندا هيا تہ ان کان اڳ وضو ڪري صاف سٺا ڪپڙا پائي، خوشبو لڳائي نهايت آراستہ ٿي پوءِ حديث شريف بيان ڪندا هيا. جيڪڏهن ڪو سائل سندس دروازي تي دستڪ ڏيندو هيو تہ پنهنجي ٻانهي جي ذريعي معلوم ڪندا هيا تہ فقهي مسئلو پڇڻو آهي يا حديث شريف معلوم ڪرڻي آهي. جيڪڏهن سائل چوندو هيو تہ فقهي مسئلو معلوم ڪرڻو آهي تہ پاڻ انهي حالت ۾ ٻاهران اچي ڪين مسئلو بيان ڪندا هيا. پر جيڪڏهن هو چوندو هو تہ مون کي حديث شريف معلوم ڪرڻي آهي تہ پوءِ پاڻ غسل خاني ۾ وڃي غسل ڪري صاف نوان ڪپڙا پائي، خوشبو لڳائي، عمامہ ٻڌي، سبز چادر ڍڪي ٻاهر اچي هڪ ڪرسي تي ويهي، نهايت خشوع خضوع سان حديث پاڪ بيان ڪرڻ فرمائيندا هيا. جيترو وقت بيان جاري رهندو هيو، خوشبوءِ مهڪندي رهندي هئي. عبدالله بن مبارڪ رحمة الله عليه جو چوڻ آهي تہ هڪ دفعو آئون حضرت مالڪ بن انس رضي الله عنه جن جي خدمت ۾ موجود هيس، ان وقت پاڻ حضور ﷺ جن جي حديث بيان ڪري رهيا هيا. انهي دوران وڇون ڪين سورهن ڀيرا ڏنگ هنيو. سندس چهري مبارڪ جو رنگ پيلو ٿي ويو. پر پاڻ حديث شريف بيان ڪندا رهيا. جڏهن حديث شريف پوري ٿي ۽ ماڻهو وڃڻ لڳا تہ مون ڪائنس ان حالت بابت معلوم ڪيو. پاڻ چيائون تہ حديث شريف جي بيان

دوران مون کي وڇون سورهن ڀيرا ڏنگ هنيو آهي، پر حديث پاڪ جي عظمت سبب ان کي اڌ ۾ ڇڏڻ مناسب نہ سمجهيم، جيستائين پوري طرح حديث شريف بيان نہ ڪيم. سبحان الله! هي آهي ادب رسول الله ﷺ جن جي هڪ جهلڪ جو، جو ايذي اذيت ۽ تڪليف جي باوجود حديث شريف کي وچ ۾ روڪڻ کي بي ادبي سمجهو ويو. ڏنگ تي ڏنگ لڳندا رهيا، مگر ذڪرحبيب ﷺ جاري رهيو. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه لاءِ مشهور آهي تہ هن مدينه منوره جي گهٽين ۾ ڪڏهن بہ جتي پيرن ۾ نہ پاتي. سندس خيال هيو تہ جنهن زمين تي پاڻ ڪريم ﷺ جن جا قدم مبارڪ لڳا آهن، اتي جتي پائڻ بي ادبي آهي. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه عمر جي آخري حصي ۾ مديني شريف جي حدن کان، يعني حرم جي حدن کان ٻاهر پري ڪنهن دعوت تي وڃڻ بہ پسند نہ ڪندا هيا تہ متان اچانڪ موت اچي وڃي ۽ مديني جي پاڪ سرزمين تي دفن ٿيڻ جي سعادت کان محروم ٿي وڃان. حضرت امام مالڪ رحمة الله عليه مدينہ طيبہ ۾ ڪڏهن بہ گهوڙي تي سوار نہ ٿيا، چو تہ پاڻ چوندا هيا تہ مون کي شرم ٿو ٿئي تہ جنهن جاءِ تي حضور ﷺ جن جا قدم مبارڪ گهميا هجن، اتي پنهنجي گهوڙي جا سنب هٽان.

## حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه جن جو ادب ڪرڻ:

حديث شريف ۾ آهي تہ حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه جي ٽوپي ۾ حضور ﷺ جا چند وار مبارڪ تبرّڪ طور موجود هيا.(۱) جنگ ۾ دشمنن سان مقابلو ڪندي سندس ٽوپي ڪري پئي. پاڻ ان ٽوپي حاصل ڪرڻ لاءِ سخت جنگ جاري رکيائين، جنهن ۾ ڪجهہ مسلمان شهيد بہ ٿي ويا. جڏهن صحابہ ڪرام حضرت خالد رضي الله عنه کان جنگ جاري رکڻ جو سبب معلوم ڪيو تہ هن وراڻيو تہ مون اهو سڀ ڪجهہ ان ٽوپي جي حاصل ڪرڻ

(۱) تهذيب الاسماءِ ص ۱۶۵ج۱ ۾ هي لفظ وڌيڪ آهن تہ يستنصر به و يتبرک به (انهن جي ذريعي مدد وٺندو هو ۽ انهن کي متبرڪ سمجهندو هو.)

لاءِ ڪيو، جنهن ۾ حضور ﷺ جن جا وار برڪت طور پيل آهن. جيڪڏهن اها ٽوپي دشمن جي هٿ اچي وڃي ها تہ انهن وارن جي بيحرمتي ٿيڻ جو خطرو هيو.

## امير معاويہ رضي الله عنہ ۽ ادب رسول الله ﷺ :

علامہ سيوطي تاريخ الخلفاء ۾ امير معاويہ رضي الله عنہ بابت لکن ٿا تہ :

وَكَانَ عِنْدَهٗ شَيْءٌ مِنْ شَعْرِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ وَقُلَامَةِ الْاَظْفَارِ فَاَوْصٰى اَنْ يُّجْعَلَ فِيْ فَمِهٖ وَعَيْنَيْهِ وَقَالَ افْعَلُوْا وَخَلُّوْا بَيْنِيْ وَبَيْنَ اَرْحَمِ الرَّاحِمِيْنَ[1]

تَرْجَمَۃٌ : يعني امير معاويہ رضي الله عنہ وٽ، جناب رسول الله ﷺ جن جا ڪجھ وار مبارڪ ۽ تراشيل ناخن محفوظ هيا. جڏهن مرڻ لڳو تہ هن وصيت ڪئي تہ اهي شيون منهنجي وات ۽ اکين ۾ وجهي ڇڏجو ۽ پوءِ مون کي ارحم الراحمين جي حوالي ڪجو. معلوم ٿيو تہ امير معاويہ جي دل ۾ بہ اهو يقين هيو تہ حضور ﷺ جن جا وار مبارڪ ۽ تراشيل ناخن سندس شفاعت جو وسيلو بڻجي سگهن ٿا. ان ڪري هن وڏي ادب ۽ احترام سان انهن کي پاڻ وٽ سنڀالي رکيو ۽ پنهنجي نجات جو ذريعو سمجهيو.

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنہ بابت روايت آهي تہ حضور ﷺ جن جي اٿڻ بعد هن ان جڳہ تي پنهنجا هٿ رکي، پنهنجي منهن تي مليا. مسجد نبوي ۾ زور سان ڳالهائڻ منع آهي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنہ جو چوڻ آهي تہ رسول الله ﷺ جن جي تعظيم ۽ عزت جهڙي طرح سندس زندگي مبارڪ ۾ واجب ۽ لازم آهي. اهڙي طرح سندس وصال بعد لازم، واجب آهي، جيئن حديث شريف ۾ آهي :

لَمَّا قُبِضَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اخْتَلَفَ اَصْحَابُهٗ فَقَالَ

---

(۱) تاريخ الخلفاء، باب بعض الاحداث في عمره ص۱۷۳ج۱

بَعْضُهُمْ ادْفَنُوْهُ فِي الْبَقِيْعِ وَقَالَ بَعْضُهُمْ ادْفَنُوْهُ فِيْ مَقَابِرِ اَصْحَابِهٖ فَقَالَ اَبُوْ بَكْرِنِ الصِّدِّيْقُ اَخِّرُوْا فَاِنَّهٗ لَا يَنْبَغِيْ رَفْعُ الصَّوْتِ عَلٰى رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَيًّا اَوْ مَيِّتًا[۲]

تَرْجَمَهْ: رسول الله ﷺ جن وصال فرمايو تہ اصحابين سڀني ۾ اختلاف ٿيو. ڪن چيو تہ ڪين بقيع ۾ دفن ڪريو، ڪن چيو تہ سندن اصحابين جي قبرستان ۾ دفن ڪريو. حضرت ابوبڪر ﷛ چيو تہ حضور ﷺ جن جي حضور ۾ آهستي ڳالهايو، ڇاڪاڻ تہ سندن زندگي مبارڪ ۾ بہ يا سندن وصال کان بعد بہ آواز بلند نہ ڪرڻ گهرجي.

حضرت عائشه ﵂ کان روايت آهي:

روى عن عائشة ﵂ انها كانت تسمع صوت وتد يوتد المسمار يضرب في بعض الدور المتصلة بالمسجد النبي ﷺ فترسل اليهم لا تؤذوا النبي ﷺ

تَرْجَمَهْ: هڪ دفعي حضرت عائشه ﵂ جي ڪنن تي آواز پيو تہ ڪو مسجد نبوي جي پر وارن گهرن ۾ پٽ ۾ هٿوڙي سان ڪيل نوڪي رهيو آهي. هن ان گهر وارن ڏانهن چوائي موڪليو تہ حضور ﷺ جن کي اذيت نہ ڏيو. يعني روزي اطهر جي پرسان شور نہ ڪريو. اهو شور نبي ﷺ جن جي اذيت جو سبب آهي.

ان ڪري اصحاب سڀورا جڏهن حديث شريف جو درس ٻڌندا هيا تہ اهڙي طرح خاموش ٿي ۽ سر جهڪائي ويهندا هيا جو ڏسڻ وارو محسوس ڪندو هيو تہ هنن ماٿهن جا چڻ سر ئي ڪو نہ آهن. حديث شريف ۾ آهي:

عَنِ السَّائِبِ بْنِ يَزِيْدَ قَالَ كُنْتُ قَائِمًا فِي الْمَسْجِدِ فَحَصَبَنِيْ رَجُلٌ فَنَظَرْتُ فَاِذَا عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ فَقَالَ اذْهَبْ فَأْتِنِيْ بِهٰذَيْنِ فَجِئْتُهٗ

---

(۲) مسند الحارث (زوائد الهيثمي) ص ۸۸۵ج۲، حديث: ۹۵۵

بِهِمَا قَالَ مَنْ اَنْتُمَا اَوْ مِنْ اَيْنَ اَنْتُمَا قَالَا مِنْ اَهْلِ الطَّائِفِ قَالَ لَوْ كُنْتُمَا مِنْ اَهْلِ الْبَلَدِ لَاَوْجَعْتُكُمَا تَرْفَعَانِ اَصْوَاتَكُمَا فِي مَسْجِدِ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (۱)

تَرْجَمَةٌ: صحيح بخاري ۾ حضرت سائب بن يزيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ دفعي آئون مسجد نبوي ۾ بيٺو هوس، ڪنهن مون کي پٿري هنئي. ڏٺم تہ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه آهي. چيائين تہ وڃ هنن ٻن ماڻهن کي مون وٽ وٺي اچ. جڏهن مان هنن کي هن وٽ وٺي آيس تہ پڇيائين تہ اوهان ڪير آهيو ۽ ڪٿان آيا آهيو؟ هنن چيو تہ اسان طائف کان آيا آهيون. حضرت عمر رضي الله عنه کين چيو تہ جيڪڏهن اوهان هن شهر (مدينہ منوره) جا هجو ها تہ اوهان کي ضرور سزا ڏيان ها، ڇو تہ اوهان مسجد نبوي ۾ زور زور سان ڳالهائي رهيا آهيو.

هتان معلوم ٿيو تہ مسجد نبوي ۾ زور زور سان ڳالهائڻ منع آهي ۽ جيڪڏهن ڪو زور زور سان ڳالهائي ٿو تہ اهو تعزير جو حقدار آهي. حضرت سائب بن يزيد رضي الله عنه اگرچہ حضرت عمر رضي الله عنه کان پري ڪو نہ هيو پر پوءِ بہ حضرت عمر رضي الله عنه کيس آواز ڏيڻ جي بدران پٿري هٽي سڏي ورتو، ڇو تہ پاڻ مسجد نبوي ۾ سڏ ڪرڻ کي بہ بي ادبي تصور ڪيائين، ڇو تہ هن مسجد نبوي ۾ حضور ﷺ جن حيات ابدي سان تشريف فرما آهن. ان ڪري هن مسجد شريف جو نہ پر حضور ﷺ جن جي ادب جو لحاظ ڪيو ويو.

هڪ دفعي امير المؤمنين ابو جعفر منصور مسجد نبوي ۾ امام مالڪ رحمة الله عليه سان ڪنهن مسئلي تي بحث ڪري رهيو هيو تہ ڳالهائيندي ڳالهائيندي سندس آواز تيز ٿي ويو. ان تي کيس امام مالڪ رحمة الله عليه ٽوڪيندي چيو تہ اميرالمؤمنين! هتي آواز بلند ڪرڻ جي اجازت نہ آهي.

---

(۱) صحيح بخاري ڪتاب الصلاة حديث: ۴۵۰

قرآن حڪيم ۾ ارشاد آهي : ﴿يَاأَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ﴾ يعني اي ايمان وارو! جڏهن منهنجي حبيب ﷺ جن جي دربار ۾ هجو تہ آواز بلند نہ ڪريو ۽ جيڪي ماڻهو سندس دربار ۾ آهستہ آهستہ ڳالهائين ٿا ۽ آواز پست رکن ٿا، اهڙن ماڻهن لاءِ بخشش ۽ اجر عظيم آهي: ﴿اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ۭ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ﴾ پر جيڪي جيڪي زور زور سان ڳالهائين ٿا اهي عقل کان عاري آهن: ﴿اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَاۗءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝﴾

معلوم هئڻ گهرجي تہ حضور ﷺ جن جو احترام ۽ عزت جيترو سندن زندگي ۾ واجب ۽ لازم آهي، اوترو سندس وصال مبارڪ بعد بہ آهي. ان ڪري مسجد نبوي اندر يا روضي اطهر جي ڀرسان زور سان ڳالهائڻ ايمان ضايع ڪرڻ جي برابر آهي. اميرالمؤمنين ابو جعفر منصور اهو ڀڏي ادب ۽ احترام ۾ اچي ويو ۽ پڇڻ لڳو تہ پيلا دعا قبلي شريف ڏي منهن ڪري گهران يا حضور ﷺ جن ڏانهن متوجه ٿيان؟ جنهن تي امام مالڪ رحمة الله عليه جن فرمايو تہ حضور ﷺ جن کان منهن موڙڻ ڇوٿو گهرين؟ هي تہ وسيلو آهي تنهنجو ۽ تنهنجي ڏاڏي آدم عليه السلام جو قيامت جي ڏينهن، تون حضور ﷺ جن ڏانهن متوجه ٿي سندن شفاعت ۽ سفارش طلب ڪر. الله تعاليٰ حضور ﷺ جن جي سفارش قبول فرمائيندو ۽ تنهنجي دعا مقبول ٿي ويندي ڇو تہ قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي :

﴿وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَاۗءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ۝﴾ (النساء آيت ٦۴)

تَرْجَمَة : توڙي هو ڪٿي پاڻ سان ظلم ۽ زيادتي ڪري آيا آهن پر جڏهن تون وٽ اچي الله کان بخشش گهرن ٿا ۽ خدا جو رسول ﷺ بہ انهن جي سفارش ڪري تہ اهي الله کي بخشيندڙ ۽ معاف ڪندڙ پائن ٿا.

هتان معلوم ٿيو تہ مسجد نبوي ۾ يا روضي اطهر جي پرسان زور سان ڳالهائڻ نہ رڳو ممنوع آهي پر ايمان ضايع ڪرڻ جي برابر آهي. اهڙي طرح جڏهن سندن حديث شريف جو درس ٿي رهيو هجي يا سندن ذڪر مبارڪ ڪيو وڃي. درود، نعت ۽ سلام پيش ڪرڻ جي محفل هجي تہ سراپا ادب بڻجي ڪنڌ جهڪائي نهايت ادب ۽ احترام ۽ تعظيم سان ٻڌڻ گهرجي. اصحاب سڀُورا حضور عليه السلام کي مخاطب ٿيڻ وقت هميشه سندن اسم گرامي بدران، فِدَاكَ اَبِيْ وَاُمِّيْ يَا رَسُوْلَ اللهِ! ( اي خدا جا رسول ﷺ اوهان تي منهنجا ماءُ پيءُ قربان ٿين) چئي پوءِ احوال عرض رکندا هيا. هتان اهو بہ معلوم ٿيو تہ مسجد نبوي ۾ روزي اطهر ڏانهن منهن ڪري حضور ﷺ جن جي وسيلي ۽ سفارش سان دعا گهرڻ نہ رڳو جائز آهي پر قرآن ڪريم جي آيت مطابق لازم، واجب ۽ افضل آهي.

امام بخاري رحمة الله عليه هر حديث شريف لکڻ کان اڳ غسل ڪري ٻہ رڪعتون نفل پڙهي عطر لڳائي پوءِ حديث شريف لکندا هيا. حضرت امام شافعي رضي الله عنه پنهنجي تصانيف ۾ جڏهن ان بااثر قبيلي جي عورت (فاطمه نالي) جو ذڪر نقل ڪيو، جنهن چوري ڪئي هئي ۽ حضور ﷺ جن سندس هٿ وڍڻ جو حڪم صادر فرمائيندي چيو هو تہ جيڪڏهن ..... فلان عورت (جا هڪ شريف ترين عورت آهي)، چوري ڪري ها تہ ان جو بہ هٿ وڍيو وڃي ها. اگرچہ حديث شريف ۾ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جن جو نالو چٽي طرح چاٽايل آهي ۽ حديث کي بلڪل ساڳي طرح نقل ڪرڻ ڏوهہ بہ نہ آهي، پر ان هوندي بہ ادب ۽ احترام جو دامن جهليندي امام شافعي رضي الله عنه امان سائڻ حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها جي نالي وٺڻ بدران چوي ٿو تہ فلان شريف عورت! سبحان الله! چا شان آهي، پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ادب جو ۽ سندن آل پاڪ جي ادب ۽ احترام جو.

## سلطان محمود غزنوي رحمة الله عليه جو ادب ڪرڻ :

سلطان محمود غزنوي جي غلام اياز جو پٽ بادشاه جو ملازم هيو. جنهن جو نالو "محمد" هيو. هڪ ڀيري محمود غزنوي سڏي چيو تہ

اي اياز جا پٽ! وضوءَ لاءِ پاڻي ڪٽي اچ. اياز اهو ٻڌي محسوس ڪيو تہ شايد بادشاه سلامت ناراض آهي، تڏهن منهنجي پٽ جو نالو وٺڻ بدران ڪيس "اياز جو پٽ" چئي وضوءَ جي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو آهي. محمود غزنوي فارغ ٿي اياز ڏانهن نهاريو تہ هو غمگين بيٺو هيو. بادشاه اياز کان غمگين هجڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي هن ورائيو تہ بادشاه سلامت اڄ اوهان منهنجي پٽ جو نالو وٺڻ بدران ڪيس "اياز جا پٽ" چئي سڏ ڪيو آهي، شايد هن کان ڪا گستاخي سرزد ٿي آهي. ان ڪري ملول آهيان. جنهن تي محمود غزنوي مرڪندي ڪيس دلجاءِ ڏني تہ ڏڪارو نہ ٿيءُ. آئون تنهنجي پٽ کان ناراض نہ آهيان، پر مان اڄ بي وضو هجڻ سبب سندس نالو "محمد" وٺڻ بدران "اياز جو پٽ" چئي سڏ ڪيو. سبحان الله! محمود غزنوي بہ پنهنجي ملازم جو نالو جيڪو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي پاڪ نالي تي رکيل هو. بنا وضوءِ جي اهو پاڪ نالو وٺڻ لاءِ تيار نہ آهي، تڏهن تہ ڪنهن عاشق چيو آهي:

هزار بار بشويم دهن بمشک و گلاب
هنوز نام توگفتن کمال بي ادبي است

جيڪڏهن هزار ڀيرا مان پنهنجو وات مشڪ ۽ گلاب سان ڌوئي صاف ڪيان تہ پوءِ بہ اوهان جو اسم گرامي وٺڻ تمام وڏي بي ادبي آهي.

اوهان کي معلوم هوندو تہ سنڌ سڳوري جي بزرگن ادب جي اها روايت قائم رکي آهي ۽ اسان وٽ ڪنهن بہ ماڻهو کي سندس نالي "محمد" سڏڻ بدران ڪيس "نالي منو" ڪري سڏيو ويندو آهي. حضرت محمد قاسم مشوري صاحب رحمة الله عليه پنهنجي فرزند کي "نالي منو" چئي سڏيندا هيا. ان ڪري سڀ ماڻهو ڪيس "نالي منو" سان سڏڻ لڳا. اهڙي طرح پير "نالي منو" يا ٻيا اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن. اسان وٽ سنڌ ۾ اها بہ روايت موجود آهي تہ جڏهن پنهنجي ڪنهن بزرگ، والد يا ڏاڏي جو نالو پنهنجي اولاد تي رکندا آهيون تہ پنهنجن بزرگن جو ادب رکندي، سندس نالو وٺڻ بدران ڪيس "ڏاڏا سائين"- "بابا سائين" چئي پڪاريندا آهيون. جڏهن

اسان پنهنجي بزرگن، جيڪي حضور ﷺ جن جي غلامن جا بہ غلام آهن تن جي نالي ونڻ بدران ڪين "بابا سائين" يا "ڏاڏا سائين" چئي سڏيون ٿا تہ پوءِ آقا نبي ڪريم ﷺ جن جي نالي مبارڪ ونڻ وقت ڪيتري احترام جي ضرورت آهي؟ ان جو اندازو تہ رڳو عشق ۽ ايمان واري دل ئي لڳائي سگهي ٿي. جڏهن اسان پنهنجي مرشد، استاد يا عالم، فاضل، الله جي نيڪ ٻانهي جو بہ نالو ونڻ بدران ڪيس حضرت قبلا سائينؐ! جناب والا! وغيره وغيره چئي مخاطب ٿيون ٿا تہ پوءِ ٻنهي جهانن جي سردار جي نالي پاڪ جو ڪيترو احترام ڪرڻ گهرجي؟ قرآن حڪيم ۾ بہ خداوند ڪريم جڏهن جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ کي مخاطب ٿيڻ گهريو آهي تہ ڪين: يَآيُّهَا النَّبِيُّ، يَآيُّهَا الرَّسُوْلُ، يَآيُّهَا الْمُزَّمِّلُ، يَآيُّهَا الْمُدَّثِّرُ، جهڙن صفاتي لقبن سان مخاطب فرمايو آهي ۽ ڪٿي بہ ڪين يا محمد! يا احمد! چئي خطاب نہ ڪيو ويو آهي . مؤمن توڙي ڪافرن کي سندس ادب ۽ احترام لاءِ تاڪيد فرمايو ويو آهي. ڪافرن پاران السلام عليڪم توتي سلامتي هجي، بدران آواز بدلائي السام عليڪم (تو تي موت هجي) چوڻ يا لفظ "راعنا" بدران "راعينا" (يعني اسان جا ڌنار!) چوڻ کان نہ رڳو روڪيو ويو آهي، پر اهڙي بي ادبي ۽ گستاخي واري عمل لاءِ دردناڪ عذاب جي بشارت ڏني وئي آهي:

﴿إِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًاO﴾ (الاحزاب ٣٣: آيت ٥٧)

تَرْجَمَہ: جيڪي ماڻهو الله ۽ الله جي رسول کي ايذاء رسائين ٿا الله انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ ڦٽڪار ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ نهايت ذلت ۽ خواري وارو عذاب تيار آهي.

مسلمانن ۽ مؤمنن کي هن سلسلي ۾ نهايت محتاط رهڻ گهرجي ۽ هر انهي شيءِ کان گريز ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي ادب يا احترام کي ڪو گزند پهچي. عاشقان رسول ﷺ جن جي ادب بابت ڪهڙي ڳالهہ ڪجي. هو نہ رڳو پاڪ نالي کي پنهنجي زبان تي آڻڻ کان ڪيٻائين ٿا ۽ ڪنبن ٿا پر حضور عليہ الصلوٰة والسلام جي ثنا ڪندي

شعر ۾ پيير مبارڪ جي پنني چمڻ بدران سندس پيرن جون تريون چمڻ کي ترجيح ڏين ٿا، ڇو ته سندس خيال ۾ پيرن جي پنني چمڻ وقت عاشق جا چپ مٿان ۽ پيير مبارڪ هيٺان هوندا. ان ڪري انهي بي ادبي کان بچڻ لاءِ هر هنڌ پيرن جون تريون چمڻ گهرن ٿا.

آهي بي ادبي چمڻ ۾ ان جي پيرن جون پنيون
چپ مٿان ٿين پير هيٺان، ان ڪري چمجن تريون

(دادن فقر)

## بي ادب، شاتم رسول ﷺ جي سزا

ڪنهن جي به شان ۾ گستاخي ڪرڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ يا گار گند ڪرڻ نهايت گندو فعل آهي، جنهن جي ڪنهن به صورت ۾ ڪا گنجائش نه آهي. انگريز سرڪار جي اچڻ کان اڳ مغليه دور تائين اسلامي حڪومتن ۾ عدالتي مقدما قرآن سنت ۽ فقه جي روشني ۾ ڪيا ويندا هيا، پر انگريزن جي آمد سان هندوستان جي گورنر جنرل ١٨٦٠ع ۾ لارڊ ميڪالي جي سربراهي ۾ ڪميشن جوڙي انڊين پينل ڪوڊ نافذ ڪيو. برطانيه ۾ ١٨٦٠ع کان اڳ توڙي اڄ تائين توهين مسيح جو قانون BLASPHIMY ACT طور موجود هيو ۽ آهي، جنهن ۾ حضرت مسيح عليه السلام جي گستاخ لاءِ سزا موجود آهي. ١٨٩٨ع ۾ هڪ دفعه A-١٢٤ داخل ڪئي وئي، جنهن هيٺ حڪومت برطانيه خلاف نفرت پکيڙڻ يا حڪومت جي توهين ڪرڻ جي جرم جي سزا عمر قيد ڪئي وئي. انهي سال ١٨٩٨ع ۾ ٽي هڪ دفعه A-١٥٣ جو اضافو ڪيو ويو جنهن جو متن هن طرح آهي. "جيڪو ڌهن ڪو به الفاظ جي ذريعي، پنهنجي تقرير، تحرير اشارن يا ڪنهن به ٻئي طريقي سان هندوستان جي هز مئجسٽي جي رعايا جي مختلف جماعتن ۾ دشمني يا نفرت جا جذبات ڀڙڪائڻ يا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته ان کي ٻن سالن جي قيد جي سزا يا ڏنڊ جي سزا يا ٻئي سزائون ڏنيون وينديون. حضور ﷺ جن جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ وارن خلاف انهي دفعه A-١٥٣ هيٺ مقدما قائم ڪيا ويا. انهي قانون هيٺ "رنگيلا رسول" جهڙي گستاخي واري ڪتاب ۽ ان جي ناشر راج پال خلاف به ڪيس داخل ڪيو ويو. جنهن ۾ سيشن جج هن کي گستاخي جي جرم ۾ سزا ڏني، پر هاءِ ڪورٽ ۾ هن کي سزا کان بري ڪيو ويو. جنهن جي خلاف هندوستان جي مسلمانن ۾ نهايت غم ۽ غصو پکڙجي ويو ۽ هر طرف کان انهي فيصلي جي خلاف واويلا مچي وئي، جا نيٺ غازي علم دين شهيد جي

ديني حميت ۽ غيرت ۾ راج پال کي جهنم رسيد ڪرڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿي. جڏهن برٽش گورنمينٽ محسوس ڪيو تہ دفعہ A-۱۵۳ سان مسلمانن جا جذبات مجروح ٿي رهيا آهن تہ هن ۱۹۲۷ع ۾ مسلمانن جي اشڪ شوئي لاءِ انڊين پينل ڪوڊ ۾ A-۲۹۵ جو فوجداري ترميمي بل شامل ڪيو، جنهن جو متن هن طرح آهي: ”جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو عملي طرح بدنيتي سان تحريري، تقريري يا ڪلم ڪلا هز ميجسٽي جي رعيت جي ڪنهن بہ جماعت جي مذهب يا مذهبي عقيدن جي توهين يا توهين جي ڪوشش ڪري، جنهن سان هن جا مذهبي جذبات مشتعل ٿين تہ ان کي ۲ سال تائين قيد يا ڏنڊ يا ٻئي سزائون ڏئي سگهبيون. قيام پاڪستان کان پوءِ ۲۳ مارچ ۱۹۵٦ع ۾ هز ميجسٽي جي رعايا جي لفظن کي ”پاڪستاني شهري“ جي لفظن ۾ تبديل ڪيو ويو. ۱۹٦۱ع ۾ هڪ ترميمي آرڊيننس آيو، مگر هن دفعہ ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آندي وئي. سال ۱۹۸۰ع ۾ هڪ ٻئي آرڊيننس A-۲۹۸ جو اضافو ڪيو ويو، جنهن جو متن هن طرح آهي:

”جو ماڻهو بہ تحريري، تقريري ڪلم ڪلا اشاري ڪنايي بالواسطه يا بلا واسطه امهات المؤمنين يا ڪنهن بہ اهل بيت يا خلفاءِ راشدين مان ڪنهن بہ خليفي راشد يا اصحاب رسول ﷺ جي بي حرمتي ڪري، طعنه زني ڪري يا بهتان تراشي ڪري، ان کي ٽي سال تائين قيد جي سزا يا ڪوڙن جي سزا يا ٻئي سزائون ڏنيون وينديون.“

هن دفعہ جي ذريعي امهات المؤمنين، اصحاب رسول ﷺ خلفاءِ راشدين، اهل بيت رضوان الله عليهم جي گستاخي کي تہ قابلِ تعزير قرار ڏنو ويو، پر اها مقدس ذات ﷺ جنهن جي نسبت سبب انهن سڀني حضرات کي اهو مقام مليو، ان مقدس هستي ﷺ جي توهين ۽ گستاخي بابت ڪابہ سزا مقرر نہ هئي. ان ڪري ۱۹۸۴ع ۾ ايڊوڪيٽ اسماعيل قريشي شريعت ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي. انهي دوران علماء حضرات ۽ وڪيلن جي مشوري سان محترمه نثار فاطمه قومي اسيمبلي ۾ توهين رسالت جي سزا لاءِ

موت جي سزا جو بل پيش ڪيو. جيڪو تعزيزات پاڪستان C-۲۹۵ جي صورت ۾ شامل ڪيو ويو. جنهن جو متن هن طرح آهي:

”جو بہ ماڻهو عملي طرح، زباني يا تحريري طور يا طعنه زني يا بهتان تراشي بالواسطه يا بلاواسطي اشاري، ڪنايي سان حضرت محمد ﷺ جن جي بي حرمتي، توهين يا گستاخي ڪندو تہ ڪيس موت جي سزا يا عمر قيد جي سزا ۽ ڪيس ڏنڊ جي سزا بہ ڏني ويندي.“

مذڪور بالا بل ۾ در اصل شاتمِ رسول ﷺ جي سزا لاءِ موت جي سزا جو مطالبو ڪيو ويو هيو، مگر هن ۾ عمر قيد جي سزا بہ رکي وئي، جيڪا قرآن ۽ سنت جي خلاف هئي. فيڊرل شريعت ڪورٽ ۳۰- آڪٽوبر ۱۹۹۰ع ۾ C-۲۹۵ ۾ ترميم ڪري عمر قيد جي سزا جا لفظ حذف ڪري ڇڏيا. اهو فيصلو پي ايل ڊي ۾ شايع ٿيو (حوالو صفحو PLD-FSC ۱۹۹۱) هن وقت توهين رسالت جو قانون جيڪو ملڪ ۾ رائج آهي، اهو فيڊرل شريعت ڪورٽ جي هن ترميمي آرڊر موجب آهي. فيڊرل شريعت ڪورٽ جو اهو فيصلو عدالت جي پنج فاضل جج حضرات جي دستخط سان ڏنو ويو. ملڪ جي هن اعليٰ عدالت اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچي ۾ مختلف تاريخن تي ڪيترا پيرا سماعت ڪري نهايت غور و فڪر بعد اهو فيصلو صادر ڪيو، جيڪو هن وقت رائج آهي. قرآن ۽ سنت ۾ حد ۽ تعزيري سزائن لاءِ ڪجھ شرط مقرر ٿيل آهن. اسلام نيت (Intention) کي جرم جو بنيادي رڪن قرار ڏنو آهي. حديث شريف ۾ آهي ”الاعمال بالنيات“ يعني هر عمل جو دارومدار نيت تي آهي. دنيا جي ڪنهن قانون ۾ هن نازڪ مسئلي ڏانهن توجه ڪونہ ويو هو، مگر اسلام ئي اهو دين آهي، جنهن هر عمل جو دارومدار نيت تي رکيو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ارادي سان توهين رسالت جو مرتڪب ٿو ٿئي تہ اهو يقينن موت جي سزا جو حقدار آهي، مگر ڪنهن کان بنا ارادي ۽ بنا نيت جي غلطي مان ڪو بي ادبي جو لفظ نڪري وڃي تہ پوءِ ان کي ڪوڙن ۽ جرماني جي سزا ڏئي سگهجي ٿي (والله اعلم بالصواب)

# قرآن ۽ سنت جي روشني ۾

يقينن جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي ايذاء پهچائن ٿا، انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ رسوا ڪندڙ عذاب تيار آهي (الاحزاب ۵۷)

هي قتال جو حڪم ان لاءِ ڏنو ويو آهي، جو هنن الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي مخالفت ڪري ٿو، الله ان لاءِ نهايت سخت گير آهي. (الانفال ۱۳)

جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جن کي ايذا پهچائين ٿا انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي (توبه ۶۱)

اي ايمان آڻڻ وارو! ”راعنا“ نه چئو، بلڪ ”انظرنا“ (اسان ڏانهن نظر التفات فرمايو) چوندا ڪريو ۽ توجه سان ٻڌندا ڪريو. ڪافر (جيڪي بي ادبي ڪن ٿا) اهي دردناڪ عذاب جا مستحق آهن (البقره ۱۰۴)

الڪوثر ۾ آهي: ”بيشڪ تنهنجو دشمن ئي پاڙ پٽيل آهي.“

اوهان (ﷺ) مذاق ڪندڙن سان نبرڻ اسان (يعني الله) ئي ڪافي آهي. (الحجر: ۹۵)

”الله اوهان کي ماڻهن (جي شر) کان حفاظت ۾ رکندو. بيشڪ الله ڪافرن جي رهنمائي نه ٿو ڪري.“ (المائده)

”الله انهن (دشمنن) جي مقابلي ۾ اوهان (ﷺ) جي حمايت لاءِ ڪافي آهي.“ (البقره ۱۳۷)

جيڪڏهن اوهان هنن کان پڇو (ته اوهان اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿا چئو؟) ته اهي ضرور جواب ۾ چوندا ته اسان پنهنجي دل بهلائڻ ۽ مذاق مذاق ۾ ائين ڪيو آهي. (ڪين) چؤ ته ڇا اوهان الله، ان جي آيتن ۽ سندس رسول ﷺ سان مذاق ڪريو ٿا؟ بهانا نه ڪريو. دراصل اوهان (ظاهري طرح) ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهان مان هڪ گروه

جيڪو بنا ارادي جي ٺٺوليون ڪري رهيو هيو،) کي معاف بہ ڪريون، تاهم ٻئي گروه (جيڪو شرارت وچان ٺٺوليون ڪري رهيو آهي،) کي ضرور عذاب ڏينداسون، ڇو تہ اهي اصل مجرم آهن. (التوبه: ٦٥-٦٦)

اي ايمان وارو اوهان پنهنجن آوازن کي پيغمبر ﷺ جن جي آواز کان بلند نہ ڪريو ۽ نہ وري ان سان زور زور سان ڳالهايو، جهڙي طرح اوهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا آهيو. ڇو تہ ائين نہ ٿئي تہ اوهان جا سڀ اعمال ڇڻ ٿي وڃن ۽ اوهان کي ان جي خبر بہ نہ پوي.

(الحجرات ٢-٣-۴)

اي محمد ڪريم! (ﷺ) تنهنجي رب جو قسم! تہ اهي ماڻهو مؤمن ٿي نہ ٿا سگهن جيستائين هو پنهنجن باهمي اختلافن ۾ اوهان کي پنهنجو حَڪَم يا فيصلو ڪندڙ تسليم نہ ٿا ڪن ۽ جيڪو بہ فيصلو اوهان صادر ڪرڻ فرمايو، ان بابت پنهنجي دل ۾ ڪابہ تنگي محسوس نہ ڪن، پر ان کي دل جي گهراين سان پوري پوري طرح قبول ڪن. (النساء: ٦٥)

هن آيت ڪريمه جو شان نزول ڪجهہ روايتن ۾ هن طرح آهي تہ هڪ مسلمان ۽ هڪ يهودي پنهنجو معاملو نبي ڪريم ﷺ جن وٽ پيش ڪيو. پاڻ ڪريم ﷺ جن اهو فيصلو يهودي جي حق ۾ ڏنو. ان بعد مسلمان اهو فيصلو حضرت عمر رضي الله عنه وٽ کڻي ويو. حضرت عمر رضي الله عنه اهو يقين ڪرڻ کان پوءِ تہ نبي ڪريم ﷺ جن اهو فيصلو يهودي جي حق ۾ ڏنو آهي ۽ مسلمان ان فيصلي کان متفق نہ هجڻ جي ڪري، اهو فيصلو هن وٽ کڻي آيو آهي. حضرت عمر رضي الله عنه ان مسلمان جو سر تن کان ڌار ڪري ڇڏيو. مقتول جي وارثن حضرت عمر رضي الله عنه جي خلاف قتل جي دعويٰ داخل ڪئي. جنهن تي هيءَ آيت ڪريمه نازل ٿي ۽ حضرت عمر رضي الله عنه کي فاروق جو لقب عطا ٿيو.

دراصل مٿين آيت جو شان نزول اهو نہ آهي، پر ان جو شان نزول اهو آهي جيڪو امام بخاري پنهنجي صحيح ۾ حديث: ٢١٨٧ هن ريت بيان

ڪيو آهي:

حَدَّثَنَا عَبْدُاللهِ بْنُ يُوسُفَ حَدَّثَنَا اللَّيْثُ قَالَ حَدَّثَنِي ابْنُ شِهَابٍ عَنْ عُرْوَةَ عَنْ عَبْدِاللهِ بْنِ الزُّبَيْرِ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا أَنَّهُ حَدَّثَهُ أَنَّ رَجُلًا مِنَ الْأَنْصَارِ خَاصَمَ الزُّبَيْرَ عِنْدَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي شِرَاجِ الْحَرَّةِ الَّتِي يَسْقُونَ بِهَا النَّخْلَ فَقَالَ الْأَنْصَارِيُّ سَرِّحِ الْمَاءَ يَمُرُّ فَأَبَى عَلَيْهِ فَاخْتَصَمَا عِنْدَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ لِلزُّبَيْرِ اَسْقِ يَا زُبَيْرُ ثُمَّ أَرْسِلِ الْمَاءَ إِلَى جَارِكَ فَغَضِبَ الْأَنْصَارِيُّ فَقَالَ أَنْ كَانَ ابْنَ عَمَّتِكَ فَتَلَوَّنَ وَجْهُ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ثُمَّ قَالَ اسْقِ يَا زُبَيْرُ ثُمَّ احْبِسِ الْمَاءَ حَتَّى يَرْجِعَ إِلَى الْجَدْرِ فَقَالَ الزُّبَيْرُ وَاللهِ إِنِّي لَأَحْسِبُ هَذِهِ الْآيَةَ نَزَلَتْ فِي ذَلِكَ ﴿فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُونَ حَتَّى يُحَكِّمُوكَ فِيمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ﴾ (١)

تَرْجَمَةُ: حضرت زبير رضي الله عنه حضور ﷺ جن جو ڦڦات هيو. هن جو هڪ ماڻهو سان زمين آباد ڪندڙ واڻن ڪورس جي پاڻي تي جهڳڙو ٿي پيو. معاملو نبي ڪريم ﷺ جن تائين پهتو. حضور ﷺ پوري معاملي جو جائزو وٺي فيصلو حضرت زبير رضي الله عنه جي حق ۾ ڏنو. ٻئي ماڻهو چيو تہ اوهان فيصلو پنهنجي ڦڦات جي حق ۾ ڏنو آهي. ان تي هيءَ آيت نازل ٿي. ﴿فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُونَ حَتَّى يُحَكِّمُوكَ فِيمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ﴾ يعني تنهنجي رب جو قسم! اهي مؤمن ٿي نہ سگهندا، تانجو پنهنجن تڪراري معاملن ۾ توکي فيصلو

(١) صحيح بخاري ڪتاب المساقاة حديث:٢١٨٩، ٢١٨٧، ايضًا ڪتاب الصلح حديث:٢٥٠٩- صحيح مسلم ڪتاب الفضائل حديث:٤٣٤٧- ترمذي ڪتاب الاحڪام حديث:١٣٨٣- نسائي آداب القضاة حديث:٥٢٢١، ٥٢١٢- ابوداؤد ڪتاب الاقضية حديث:٣١٥٣- مسند احمد حديث ١٣٤٥

ڪندڙ ميين.

نبي ڪريم ﷺ جن جي فيصلي کي نہ مڃڻ تہ ڇا پر رڳو دل ۾ ان کي سٺو نہ سمجهڻ بہ ڪفر جي علامت آهي، جيئن حضرت عمر رضي الله عنه جي شان ۾ سوره نساء جي هيٺين آيت نازل ٿي، جڏهن پاڻ هڪ منافق کي قتل ڪيو هئائين، جڏهن انهيءَ منافق رسول الله ﷺ جن جي ڪيل فيصلي کي نہ مڃيو هو:

﴿اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا اِلَى الطَّاغُوْتِ وَقَدْ اُمِرُوْٓا اَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ ۭ وَيُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًۢا بَعِيْدًا (60)﴾

تَرْجَمَہْ: "ڇا تو اهڙن ماڻهن کي نہ ڏٺو جن جي اها دعويٰ آهي تہ جو ڪجهہ اوهان تي نازل ٿيو ۽ جو ڪجهہ اوهان کان اڳ نازل ٿيو ان تي انهن جو ايمان آهي. پر هو پنهنجا فيصلا غير الله طرف وٺي وڃڻ ٿا گهرن حالانڪ انهن کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ هو شيطان جو انڪار ڪن. شيطان تہ اهو گهري ٿو تہ هو هن کي وڏي گمراهي ۾ مبتلا ڪري." نازل ٿي. (ڏسو تفسير القرطبي ص ٢٦٣،٢٦٤ج ٥ وغيره)

مطلب تہ رسول الله ﷺ جن جي فيصلي کي تسليم نہ ڪرڻ کي حضرت عمر رضي الله عنه توهين رسالت سمجهي، اهڙي منافق مسلمان جو سر تن کان جدا ڪري ڇڏيو. اسلام جي پوري تعليمات ۾ گستاخ رسول ﷺ جي سزا صرف موت ئي آهي. معلوم هجي تہ فتح مڪه وقت حضور ﷺ عام معافي جو اعلان ڪيو، سواءِ گستاخ رسول ﷺ جي ۽ فرمايائون تہ توڙي ڪٿي اهو ڪعبة الله جي پردي ۾ پاڻ کي ليپٽي تہ بہ ان کي معاف نہ ڪيو وڃي. ان ڪري گستاخ رسول ﷺ ابن خطل کي ان حالت ۾ قتل ڪيو ويو جڏهن هو ڪعبة الله جي غلاف کان چنبڙيل هيو. اهڙي طرح بہ گستاخ عورتون ساره ۽ قريبه کي بہ قتل ڪيو ويو(تاريخ طبري ص ١٠٤)

اهڙي طرح هڪ ٻئي گستاخ رسول ﷺ ڪعب بن اشرف کي

حضرت محمد بن مسلم ﷜ جي قيادت ۾ هڪ ڪمانڊو ايڪشن ۾ جهنم رسيد ڪيو ويو. (تاريخ طبري ص۲۱۳)

حضرت علي ﷜ هڪ يهودي عورت جي نشاندهي ڪندي ٻڌايو ته اها گستاخ رسول ﷺ آهي، جنهن تي هڪ شخص ان عورت کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ حضور ﷺ جن ان عورت جو خون بدلو، قصاص يا ديت جي صورت ۾ نه ڏياريو (سنن ابي داؤدص٦ج۲)

هڪ شاعر جيڪو پنهنجي ڪلام ذريعي پاڻ ڪريم ﷺ جن کي توهين جو نشانو بڻائيندو هيو، ان کي قتل ڪيو ويو.

(صحيح بخاري ڪتاب المغازي ص ۵۷۶-۵۷۷)

هڪ صحابي سڳوري هڪ گستاخ رسول (ﷺ) عورت کي جهنم رسيد ڪري ڇڏيو. نبي ڪريم ﷺ جن تحقيق ڪرڻ کان پوءِ چيو ته اوهان گواه ٿيو ته هن جو قتل ضايع ٿي ويو. ان جو بدلو نه ڏنو ويندو ڇو ته هي گستاخ رسول ﷺ هئي. (سنن ابي داؤد)

هڪ روايت موجب حضرت عباس ﷜ پنهنجي هڪ غلام کي جو گستاخ رسول ﷺ هيو، قتل ڪري ڇڏيو.

(مصنف عبدالرزاق حديث ۹۷۰۴ ص ۳۰۷ جلد۵)

اهڙي طرح حضرت عبد الله بن عمر ﷜ کان ابن وهب جي روايت آهي ته هڪ راهب پاڻ ڪريم ﷺ جن جي شان ۾ گستاخي ڪئي، جڏهن اها خبر حضرت عبدالله بن عمر ﷜ کي پئي، تڏهن ان فرمايو ته ان راهب کي جهنم رسيد ڇو نه ڪيو ويو؟ (ڪتاب الشفا، قاضي عياض)

## حضرت امام مالڪ ﷫ جي فتويٰ:

ابن قاسم کان روايت آهي ته امام مالڪ ﷜ کان هڪ نصراني بابت پڇيو ويو، جنهن حضور ﷺ جن جي شان ۾ گستاخي ڪئي هئي ته ان کي ڪهڙي سزا ڏني وڃي؟ جنهن تي حضرت امام مالڪ ﷫ جن فتويٰ ڏني ته ان جي گردن تن کان ڌار ڪئي وڃي. حضرت امام ابن تيميه

پنهنجي معر ڪة الآرا ڪتاب ”الصارم المسلول علىٰ شاتم الرسول ﷺ“ ۾ فتويٰ ڏني آهي تہ شاتم رسول ﷺ واجب القتل آهي ۽ ان جي توبه بہ قبول ناهي (ص٤١-٤٢) ڇو تہ شاتم رسول ﷺ فساد في الارض جو مرتڪب آهي ۽ سندس توبه ڪرڻ سان هي گستاخي قابل معافي نہ آهي ۽ هن جيڪو فتنو ۽ فساد ماڻهن جي دل ۾ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اهو هن توبه سان ختم ڪرڻ ممڪن نہ آهي ۽ هو ڪوڙي معافي حاصل ڪري وري بيهر اهڙي گستاخي جو مرتڪب ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ڪيس قتل ڪرڻ واجب آهي.

## پاڻ ڪريم ﷺ جن کي بشر چوڻ جي ممانعت

ٺٽنڍي سائين داد (لڳ ٺنڊو محمد خان) جو مشهور سرهندي خاندان جي هڪ اهل دل ديني عالم حضرت عبدالستار سرهندي، مجددي ميان عبدالقيوم جان سرهندي کي هڪ تحرير ذريعي ١٢ ربيع الآخر ١٣٧٩ هجري ۾ خط لکندي فرمايو آهي تہ: ڪالهہ رات”بشريت“ جي ڳالهہ روبرو نڪتي. مون چيو تہ الله تعاليٰ نبين سڳورن کي بشر چيو آهي، سو صحيح آهي پر اسان مسلمانن کي ادب ۽ احترام سبب ائين چوڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن اسين اهو الله سبحانه وتعالي جو قول ڪري بيان ڪريون تہ جائز آهي. اسان پنهنجي طرف کان چوندا سون تہ گناه آهي، پر جيڪڏهن چٿر، مذاق ۽ مسخري جي نموني سان چونداسون تہ ڪفر آهي. دليل هن طرح آهي، جڏهن الله تعالي فرمايو : ﴿قُلْ إِنَّمَآ أَنَا بَشَرٌ﴾ چؤ تون اي نبي ﷺ! تہ آئون بشر آهيان. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ آئون فرمانبرداري جي ڪري بشر چوان ٿو، مگر پنهنجي طرفان نہ ٿو چوان، ڇو تہ جنهن وقت الله تعاليٰ ملائڪن کي حضرت آدم عليه السلام بابت خطاب فرمايو تہ:

﴿إِنِّي خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّن صَلْصَالٍ﴾ (الحجر ١٥ آيت ٢٨)

**تَرْجَمَهٗ :** تحقيق آءٌ (آدم عليه السلام) کي مٽي مان پيدا ڪندڙ آهيان.

تہ شيطان لعين آدم عليه السلام کي بشر سمجهي سجدو نہ ڪيو تہ لعنتي ٿيو. پر ملائڪن ﴿وَنَفَخْتُ فِيهِ مِن رُّوحِي﴾ يعني آدم ۾ مون پنهنجو روح ڦوڪيو آهي، خدا تعاليٰ جي نور کي ڏسي: ﴿فَقَعُوا لَهٗ سَٰجِدِينَ﴾ آدم عليه السلام کي سجدو ڪيائون. حافظ شيرازي فرمايو آهي:

ملک در سجدہ آدم زمیں بوس تو نیت کرد
کہ در حسن تو چیزی دید غیراز طور انسانی

آدم عليه السلام کي فرشتن سجدو ڪري تعظيم بجا آندي، ڇو ته آدم عليه السلام جي حسن ۾ بشر جي عادتن کان سواءِ هنن کي ٻي شيءِ نظر آئي (يعني الله جو نور نظر آيو.) جنهن کي هنن سجدو ڪيو. پر مون جيڪو اهو لکيو آهي ته اسان پنهنجي طرفان اٿين ڇٿي ٿا سگهون، ڇو ته اهو قول ڪفار جو قول آهي، جهڙي طرح نوح عليه السلام جي قوم جي سردارن پاڻ جهڙو بشر چيو ته ڪافر ٿي ويا:

﴿مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا﴾ (سوررة هود ١١ آيت ٢٧)

تَرْجَمَۃ: اسان توکي نٿا ڏسون مگر پاڻ جهڙو بشر.“

حضرت شعيب عليه السلام جي قوم به حضرت شعيب عليه السلام کي بشر چيو ته ڪافر ٿي ويا:

﴿مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا تَاْكُلُوْنَ مِنْهُ وَيَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ۝﴾ (المؤمنون آيت: ٣٣-٣٤)

تَرْجَمَۃ: هي ته اوهان جهڙو ئي انسان آهي. جهڙو کاڌو اوهان کائو ٿا، اهڙو هي به کائي ٿو ۽ جهڙو پاڻي اوهان پيئو ٿا، اهڙو پاڻي هي به پيئي ٿو. جيڪڏهن اوهان پاڻ جهڙي بشر جي تعبيداري ڪندا ته يقينن اوهان وڏي خساري وارا هوندا.

اهڙي طرح حضرت صالح عليه السلام کي چيو ويو ته:

﴿مَآ اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا﴾ (الشعراء ٢٦ آيت ١٥٤)

تَرْجَمَۃ: ”تون ته اسان جهڙو بشر آهين.“

﴿قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا﴾ (يٰس ٣٦ آيت ١٥)

تَرْجَمَۃ: ڪافرن چيو ته اوهان (موسيٰ ۽ هارون عليهما السلام) ناهيو مگر اسان جهڙا بشر.

﴿فَقَالُوْٓا اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا﴾ (المؤمنون٢٣: ٤٧)

تَرْجَمَۃ: پوءِ هنن (ڪافرن) چيو ته ڇا اسان پاڻ جهڙن ٻن شخصن

(بشر) تي ايمان آڻيون.

كافرن نبي ڪريم ﷺ جن جي باري ۾ چيو:

﴿وَأَسَرُّوا النَّجْوَى الَّذِينَ ظَلَمُوا هَلْ هَٰذَا إِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۖ أَفَتَأْتُونَ السِّحْرَ وَأَنتُمْ تُبْصِرُونَ ۝﴾ (الانبياء ٢١: ٣)

تَرْجَمَہْ: هنن ظالمن ڳجهي نموني پاڻ ۾ اهي سرگوشيون ڪيون تہ هو اوهان جهڙو انسان آهي، پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو اوهان ڏسي وائسي جادو ۾ ڦاسي ٿا وڃو.

اهو قول هيو ڪفار(مڪہ) جو. اسان جي نبي آنحضور ﷺ جن جي ذات گرامي بابت. ٻئي هنڌ سندن قول نقل ڪيو ويو آهي:

وليد بن مغيره نبي ﷺ جن لاءِ چيو:

﴿إِنْ هَٰذَا إِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ۝ سَأُصْلِيهِ سَقَرَ ۝ وَمَا أَدْرَاكَ مَا سَقَرُ ۝ لَا تُبْقِي وَلَا تَذَرُ ۝ لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ۝﴾ (المدثر ٧٤: ٢٥-٢٩)

تَرْجَمَہْ: هي هڪ بشر جو قول آهي، عنقريب هن (وليد بن مغير) کي دوزخ رسيد ڪندس ۽ تو کي ڪهڙي خبر تہ دوزخ ڇا آهي؟ کل کي ساڙي ڇڏيندڙ آهي.

جنهن نبي ﷺ جن کي "بشر" سڏيو ۽ هن کي گهٽ ڪري پيش ڪيو تہ اهو ڪفر ۽ عذاب دائمي، سقر جو مستحق قرار ٿيو. هنن آيتن کان علاوه ٻيون آيتون بہ قرآن ڪريم ۾ موجود آهن. بهرحال هي مسئلو واضح آهي. مون رڳو هن جي هڪ پهلو "بشر" تي بحث ڪيو آهي، جيڪو اسان جي آڏو مذاڪره ۾ آيو آهي. باقي منهنجو خيال اهو آهي تہ اهڙن مسئلن يا نور جي مسئلي يا علم غيب تي بحث ڪرڻ غلط آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن عالم کي اهڙن مسئلن ۾ ڪو شبهو (شڪ) پيدا ٿئي تہ اهو پلي ٻئي عالم کان سوال پڇي. فَسْئَلُوْٓا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ (القرآن) پوءِ اوهان اهل بيان (اهل علم کان پڇو جيڪڏهن اوهان کي معلوم نہ آهي.) پر عوام جي آڏو اهڙن مسئلن جو اظهار شرعًا حرام آهي، ناجائز آهي، گناه آهي، ڇو

تہ جڏهن خود ننڊ ۾ ستل آهي ته اهو ٻين کي ڇا جاڳائي سگهندو؟ "*خفته را خفته کے کند بیدار؟*" ڪهڙي طرح ستل کي ستل سجاڳ ڪندو؟

فقير عبدالستار عفي عنه

هن سموري بحث مان معلوم ٿيو ته انبياء ڪرام کي جڏهن جڏهن ڪافرن رڳو بشر سمجهيو ۽ بشر سڏيو ته الله تعاليٰ هنن کي جهنم رسيد ڪري ڇڏيو. ڪنهن نبي يا رسول جي چٿر، ٺٺول، مذاق يا گهٽتائي بيان ڪرڻ لاءِ کيس بشر بشر ڪري سڏڻ ڪفر آهي. خاص طرح نبين جي سردار خدا جي حبيب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن لاءِ اهڙا لفظ استعمال ڪرڻ انتها درجي جي گستاخي ۽ ڪفر آهي، جو ته اهڙي بحث ڪرڻ وارن جو اصل نظريو پاڻ ڪريم ﷺ جن جي شانَ مانَ کي گهٽ ڪرڻ جهڙو مڪروه عمل هوندو آهي. ان ڪري اهڙي بحث کي عام محفلن ۾ ڇيڙڻ ۽ ان تي ٽيڪا ٽپي ڪرڻ ايمان ضايع ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به نہ آهي. حضور ﷺ جن بابت بشر، نور يا علم غيب جهڙن مسئلن کي عوامي محفلن ۾ بحث هيٺ آڻڻ کي عالمن ڪفر قرار ڏنو آهي. الله تعالي اسان کي اهڙي مردود ۽ مڪروه عمل کان هميشه پنهنجي حفاظت ۽ پناهہ ۾ رکي ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جي "بعد از خدا بزرگ توئي..." واري اعلي مقام جي آگهي عطا فرمائي آمين.

# مصنف موصوف جي قلمي ڪاوش جو مختصر جائزو

**جامِ ڪوثر:** امام شرف الدين بوصيري جي شهرهٔ آفاق تصنيف "قصيده برده" جو سنڌي ۽ سرائڪي ۾ منظوم ترجمو، لفظن جي لغوي معنىٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان اهڙي طرح ڏنل جو عربي ڄاڻندڙ ۽ نہ ڄاڻندڙ هڪ جهڙو حظ حاصل ڪري سگهن.

**آبِ ڪوثر:** سر زمين سنڌ جي عظيم فرزند مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي ٻن عربي قصيدن "اَغِثْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللهِ" ۽ "يَا سَالِڪًا طُرُقَ الْمَدِيْنَةِ طَيِّبَةً" جو جام ڪوثر وانگر روان منظوم ترجمو، لفظي معنىٰ ۽ سليس سمجهاڻي سان نهايت پرڪشش انداز ۾ پيش ڪيل.

**موتي مرجان:** سنڌي، سرائڪي ،اردو، فارسي، ۽ عربي ۾ موزون ۽ عام فهم شاعري جو پنجن ٻولين ۾ علمي ادبي گلدستو، جنهن ۾ حمد، نعت، مرثيو، غزل، نظم، مسدس، مخمس قطعات ۽ رباعيات جو دلپذير مجموعو موجود آهي.

**اکر اکر عشق:** سنڌي ٻوليءَ ۾ غزلن جو اهڙو گلدستو جنهن کي پڙهڻ سان هر قاري ائين محسوس ڪندو تہ هي سندس اندر جو آواز آهي.

**موتي مٺيادار:** حمدِ باري تعالىٰ ۽ نعت نبي ﷺ تي شامل سوزسڪ، عشق و محبت، ادب ۽ احترام جي ڀرپور اظهار جو شاهڪار. عاشقانِ رسول الله ﷺ لاءِ ناياب تحفو.

**آدابِ رسول الله ﷺ:** آيات قرآني، احاديث نبوي، اقوال ۽ آثار صحابہ، ائمہ دين ۽ عاشقانِ رسول ﷺ جي اقوال زرين سان سينگاريل ايمان افروز ڪتاب، هر مسلمان جي ضرورت.

**معراج النبي ﷺ:** شبِ معراج جي عظيم واقعي ۽ معجزي جي قرآن مجيد جي تفسيرن، احاديث جي روايتن، سيرت ۽ تاريخ جي مستند ڪتابن جي حوالي سان هڪ تحقيقي ڪاوش.

**گلزارِ حبيب:** نعتيہ ڪلام، سنڌي ۽ سرائڪي زبان ۾ چيل مولود ۽ نعت جو محبت ڀريو مواد.

**حضرت علي (عليه السلام) جو نظام حڪومت:** باب العلم، خليفهِ چهارم حضرت علي عليه السلام جي اسلامي مملڪت لاءِ نازڪ دور ۾ ڪيل لازوال ۽ بي مثال نظامِ حڪومت جو ذڪر.

**سوز و ساز جا نغما:** نظم، قطعات، رباعيات، مخمس، مسدس جي شاعرانہ صنفن ۾ بي شمار خوبين سان سهيڙيل اهڙو مجموعو جنهن کي پڙهڻ بنا رهي نٿو سگهجي.

**صحيفهٔ عشق:** اردو ۽ فارسي ڪلام جو غزل، نظم، ۽ قطعات تي مشتمل مجموعو. ان کان علاوه حضرت مولانا عبدالرحمٰن جامي جي تصوف واري شاهڪار "لوائح (فارسي)" جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو سليس سمجهاڻي سان ۽ "اسلامي تصوف" نالي سان ڪتابن جو مواد آخري مرحلن ۾ آهي. اميد تہ عنقريب پڙهندڙن جي هٿ ۾ هوندو.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَرْفَعُوْٓا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَلَا تَجْهَرُوْا لَهٗ بِالْقَوْلِ
كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ۝٢

